
پاڪستان



جي ايم سيد

پاڪستان

جي ايم سيد

فهرست

پيش لفظ

پاڪستان کي ٺهئي 37 سال ٿيا آهن.ا ن جي ٺاهڻ ۾ مون ٻه هڪ حد تائين حصو ورتو پر جهڙن آسرن ۽ اميدن تي اهو برپا ٿيل هو سي سڀ تجربي جي بنياد تي غلط ثابت ٿي چڪيون آهن.

هاڻ آئون هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اهو تجربو ناڪامياب ٿيو آهي، جيڪڏهن ان کي گهڻي وقت تائين هلايو ويندو ته ملڪي رهاڪن جي تباهي جو ڪارڻ بڻبو. ان کري کلي طرح ظاهر ڪرڻ گهرجي ته ان کي ڏاهي پارت سان ڪنهن بنياد تي شامل ڪرايو وڃي. پر جنهن صورت ۾ اها ڳالهه اهل پنجاب جي مفاد جي خلاف ٿيندي، تنهن ڪري اهي ڪنهن به صورت ۾ ان کي ڏاهڻ ۾ رڪاوٽ وجهندا.

بينگال ان پنجوڙمان جان ڇڏائي چڪو آهي. بلوچستان ۽ پختونستان وارن به ان جي ڏاهڻ لاءِ ڪوششون پئي ڪيون آهن. هاڻ رهيو آهي سنڌ جو حصو جنهن کي ڪالونائيز ڪري استحصال ڪرڻ لاءِ هر طرح جون ڪوششون ٿي رهيون آهن، ان ڪري مون مناسب سمجهيو ته سنڌ جي رهاڪن اڳيان ان مسئلي تي روشني وجهي، ڪين عرض ڪيو وڃي ته جيڪڏهن هو سنڌ جي گذريل پنجن هزار ورهين جي تاريخي ملڪ، قوم تهذيب، تمدن، اقتصادي ۽ سياسي مفاد کي بچائڻ گهرن ٿا ته هو ان مسئلي تي پوري طرح غور ڪري ان مصيبت مان پاڻ کي آزاد ڪرائين ان ڪري هي ڪتاب لکي رهيو آهيان.

هي ڪتاب پنجن بابن تي مشتمل ٿيندو جنهن جو مفصل ذڪر هر هڪ باب ۾ ڏنو ويندو پر هتي هي ظاهر ڪرن ضروري ٿو سمجهان ته پاڪستان جو قيام سامراجي طاقتن جي ايجاد ڪيل نظرين مطابق وجود ۾ آيو آهي. ان لاءِ اوائلي بنياد رسول اڪرم ﷺ جي وفات بعد حضرت عمر عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ وڌو جنهن مذهب ۽ سياست کي گڏي، اسلام ۾ چار بدعتون داخل ڪيون.

پهرين بدعت **خلافت** جو ادارو هو جنهن جو نه قرآن ۾ ذڪر ڪيل آهي ۽ نه رسول مقبول ﷺ ان لاءِ ڪا صريح وصيعت ڇڏي هئي. مسلمانن ۾ اوائلي اختلاف خلافت جي نالي ۾ پيو. اهي ٻن فرقن ۾ ورهائجي ويا. هڪ سني ٻيا شيعا، مون پنهنجي ڪتاب "سنڌو جي ساڃاهه" ۾ اڳيئي ڄاڻائي ڇڏيو آهي، ته مذهب سياست کي گڏي هلائڻ غلط هو ڪامياب سياست، مذهب جي اصولن ۾

ڪمپرومائيز آڻڻ سان عمل ۾ ايندي آهي.

مذهب جا بنيادي متا:

محبت انساني، امن عالم ۽ ترقي بني نوع انسان ٿين ٿا. سياست جو مقصد، حڪومت قائم ڪري ملڪ جو نظم نسق هلائڻ ٿئي ٿو. محبت ۾ زور زبردستي ڪتب نہ آڻبي آهي.

قرآن جو صريحَ حڪم لاڪراه في الدين دين ۾ زور زبردستي نہ هوندي آهي). اُن ڳالهہ جي شهادت ڏئي ٿي تہ مذهب ۾ زور زبردستي نہ هلائڻي آهي.

ملڪي حڪومت سواءِ زور زبردستيءَ جي هلي نہ سگهندي، تنهن ڪري ٻئي ڳالهيون هڪ ٻئي جي متضاد آهن.

زور زبردستيءَ جي عدم موجودگي سواءِ اهنسا جي وجود ۾ اچي نہ سگهندي.

عربن جو معاشرو بدويانہ هو. ان ۾ ماڻهو جانورن وانگر زور زبردستي سان درست ٿي سگهيا ٿي. ان ڪري حضرت عمر ڪي عرب سامراج قائم ڪرڻ لاءِ مذهب ۽ سياست ڪي گڏڻ ڪري زور زبردستي استعمال ڪرڻ جي بدعت داخل ڪرڻي پئي، جنهن جي نتيجن ۾ خلافت جو ادارو قائم ڪيائين.

ان ڪري جهاد (زور زبردستي) استعمال ڪرڻ جو جواز مذهب ۾ داخل ڪرڻو پيو. جو قرآن جي حڪم جي صريحا خلاف هو.

2. ٻي ڳالهہ جا ايجاد ڪئي وئي، سا دين فطرت ڪي مڪمل دين ڪري ظاهر ڪرڻو پيو. اسلام دين فطرت هو. فطرت قانون ارتقا ڪي سڏبو آهي، جنهن مطابق ڪابہ ڳالهہ يا شيءَ مڪمل نہ ٿي ٿئي. وهندڙ درياءَ وانگر اها روان ۽ دوان هوندي آهي. ان ڪي ڪن حدن ۾ محدود ڪرڻ قانون فطرت جي خلاف ٿئي ٿو.

ان ڪري ڪنهن قانون ڪي مڪمل ۽ دائمي سڏي، ان ڪي هر دور ۽ زماني لاءِ مزو ڪرڻ جو نظريو غلط هو. ان ڪي ميچڻ ڪري ان قانون ڪي زور سان رائج ڪرڻ جو دستور پوي ٿو. تاريخ ان لاءِ شاهد آهي تہ ڪنهن شريعت يا قانون ڪي مڪمل سڏڻ ڪري ان ڪي رائج ڪرڻ لاءِ زور زبردستي ڪتب آڻڻي پوي ٿي.

مذهب بنيادي طرح محبت تي مدار رکڻ ڪري زور زبردستي جي مخالفت ڪري ٿو. سنڌ جي بزرگن ان ڳالهہ ڪي پوري طرح سڃاڻي چئي ڏنو تہ:

"عشق سارو اسلام، مذهب محبت عين مبارڪ"

(مصري شاهہ)

پر عربن جو معاشرو ان ڳالهه جو حامل نه هو. ان ڪري انهن مذهب ۽ سياست کي گڏي، سندن مفاد لاءِ وقت جي تقاضا مطابق ڪتب آندو.

3۔ ٽي ڳالهه جا مذهب ڏسي ٿو سا اها هئي ته هر ماڻهو ۽ قوم فطري طور آزاد رهڻا هئا. عربن حضرت عمر جي دور ۾ ان کي تابع بنائڻ ۽ اتي جي مخالفت ڪندڙن کي غلام بنائڻ. زالن کي لونڊيون بنائڻ. پراڻي ملڪيت ڦري ان کي مال غنيمت سڏڻ سان دين محبت کي دين ڦر ۽ فساد بنائي ڇڏيو.

4۔ چوٿين ڳالهه جا اسلام ۾ داخل ڪئي وئي، سا اها هئي ته چند دستورن کي (جي يهودين جي دين، عرب دستورن ۽ مڪاني حالات جي تقاضائي برپا ڪيل هئا) دين مڪمل سڏي حڪومت ذريعي انهن کي ماڻهن کي مڙهڻ جو رواج وڌو.

5۔ پنجين ڳالهه جا اسلام ۾ داخل ڪئي وئي، سا اها هئي ته عربي ڳالهه يا نظريي کي مرڪز بنائي قانون فطرت جي خلاف اڳين جملي مذهبن ۽ شريعتن کي رد ڪيو ويندو. جا ڳالهه قانون فطرت جي خلاف هئي، انساني معاشرو مختلف دورن مان ترقي ڪندو پي آيو. اول ۾ وحشيانه دور هو. ان کانپوءِ بدويانه دور آيو. ان کانپوءِ زراعتي دور مروج ٿيو. ان کانپوءِ تجارتي دور آيو. ان کانپوءِ صنعتي دور پيدا ٿيو. پوءِ سائنسي دور آيو. بعد ۾ ائٽمي دور آيو آهي. اڳتي هلي ڇا ٿئي، اهو حالتن تي مدار رکي ٿو. اسلام بدويانه دور جي پيداوار آهي. ان جا دستور ۽ قانون ٻين دورن لاءِ ڪارآمد نه ٿي سگهيا ٿي.

ڀارت ۾ آرين اول ۾ پنهنجي قانونن ۽ دستورن کي زوريءَ مروج ڪرڻ گهريو پر جنگين بعد هو ان نتيجي تي پهتا ته اهنسا، زور زبردستيءَ جي جهنگلي قانون کان بهتر هو.

يهودين جي سياست ۽ مذهب کي گڏڻ جي حضرت عيسيٰ مخالفت ڪري عدم تشدد جي تبليغ ڪئي، پر ڪجهه وقت گذرڻ بعد عيسائين اقتدار ۾ اچڻ بعد پوپن جو ادارو قائم ڪري وري مذهب ۽ سياست کي گڏي پنهنجي مفاد لاءِ ڪتب آندو ۽ اڳتي هلي هنن ان کي خيرباد چئي، مذهب ۽ سياست کي عليحده ڪري ڇڏيو. مسلمانن خلافت جي اداري کي نه ڇڏيو جيستائين ترڪن شڪست

ڪائڻ بعد ان کي ختم ڪيو.

مغربي تهذيب وارن اڪثر مسلمانن کي جاهل سمجهندي، ٿي دفعا وري انهن کي مذهب ۽ سياست کي گڏي هلائڻ طرف ترغيب ڏني. پهرين دفعي جمال الدين افغاني معرفت انگريزن پنهنجي سامراج کي فرانس جي شهنشاهه نيپولين پيري ان جي طاقت کان بچائڻ لاءِ ترڪي خلافت کي پئن اسلامزم جي نالي ۾ گڏ ڪرڻ جي تجويز رٿي جا عيسائي قومون رد ڪري چڪيون هيون. نتيجو اهو نڪتو جو ترڪي سامراج ختم ٿي ويو.

ان ڪانپوءِ انگريزن سر سيد احمد خان، علامه اقبال ۽ مسٽر جناح جهڙن ماڻهن کي ڪتب آڻي، پاڪستان کي وجود ۾ آندو پر جنهن صورت ۾ اهو مذهب جي بنيادي اصول، تواريخي حقائق جي خلاف هو ان ڪري هو اڄي ٽٽڻ کي ويجهو بيٺو آهي. اڳ ئي اڌ پاڪستان جدا ٿي بنگلاديش جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي.

هاڻ ان کي آخري نوشدارو اسلام جي نالي جو پياري، موجوده حڪومت زنده رکڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي. اسلامي شريعت، اسلامي اتحاد، اسلامي تهذيب وغيره جي نالن سان، ان کي مذهب جي نالي ۾ قائم رکڻ جو راڳ آلاپيو وڃي ٿو.

اڄ پنهنجن ڪتابن ۾ جاڻائي آيو آهيان ته اسلامي شريعت (قانون) معاشري جي تبديلي ڪري پنهنجو اثر وڃائي ويٺو آهي. حالات زمانه ان جي صريحا خلاف آهن. ان جو مثال مئي گهوڙي ۾ ساهه وجهڻ جي برابر ٿيندو جو قانون فطرت جي خلاف آهي. ان ڪري مذهب کي سياست سان گڏي هلائڻ ڪري، دين فطرت اسلام جو ڏيوالو ڪڍڻ جي برابر ٿيندو.

هاڻ ماڻهو مذهب جي فرسوده نظريي جي نالي ۾ گڏ ٿي ڪن سامراجي طاقتن جو آله ڪار ٿي ڪتب نه ايندا. مذهب جي نالي ڪتب آڻڻ سان ماڻهو رد عمل ۾ اچي، ان فطرت واري دين جا مخالف ٿي مورڳو دهريت جي چنبي ۾ ڦاسندا. ته اها اسلام جي وڏي دشمني ٿيندي.

اها ڳالهه تواريخي حقيقتن جي خلاف آهي. ان جي نالي کي ڪتب آڻڻ ڪري سنڌين، بلوچن پختونن کي جي نقصان پهتا آهن،

سي هرهڪ کي معلوم آهن.

هاڻ پرشن گلف ۾ تيل جي چشمن کي بچائڻ خاطر مغربي ملڪن اتحاد اسلامي جو ڍوڪو برپا ڪيو آهي، سو اسرائيل جي عرب ملڪن کي ڪمزور ڪرڻ پنجابين جي سنڌين، بلوچن ۽ پختونن جي غلام رکڻ جي تڪر سان لڳڻ ڪري اهو نظريو پرزا ٿي پوندو.

چوٽي آهي ته "هم تو ڊوبينگي ليڪن تجهڪو بي ليڪي ڊوبينگي"

سامراجي طاقتون پنهنجي استحصالي ارادن ڪري تباهه ٿيڻ واريون آهن پر ان سان گڏ سر زمين سنڌ ۾ مذهب جي رهيل نظرين کي به ختم ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏينديون.

هينئر وقت آيو آهي ته صاف چئي ڏجي ته اقبال جي پيش ڪيل اسلامي تشريح غلط ۽ فرسوده آهي، هو مفڪر اسلام نه پر مفڪر نفرت هو. شاعر مشرق نه آهي پر شاعر عشرت هو. مولانا غلام رسول مهر اڳي چئي ويو آهي ته اقبال جي شاعري اسلام ۽ مسلمانن کي ايترو نقصان پهچايو آهي جو چنگيز ۽ هلاڪو خان به نه پهچايو.

ان ڪانسواءِ جناح کي اسلام جو علمبردار ڪري ظاهر ڪيو وڃي ٿو. اها ڳالهه به ختم ٿيڻ کي ويجهي اچي ٿي آهي. مولانا عطاءَ الله شاهه بخاري اڳي ان کي ڪافر اعظم جي لقب سان سڏيو آهي.

چوڌري فضل الحق صدر احرار جماعت ان کي قاتل اعظم جي لقب سان ياد ڪيو آهي.

چوڌري رحمت علي پاڪستان لفظ جي ايجاد ڪرڻ واري کي بمبئي جو باندر ۽ انگريزن جو دلال سڏيو آهي. غلام علي چاڳلا ان کي قادو حجام جو لقب ڏنو آهي.

ميان محمد امين ڪوسي ان کي سيٺهه جو ڪنڊو سڏي وصيت ڇڏي آهي ته سنڌ آزاد ٿيڻ بعد ان جا هڏا ڪڍي سمنڊ ۾ اڇلايا وڃن.

جي غور سان نظر ڪبي ته هو اسلام جي علمبرداري جي لقب جو حقدار نه آهي پر اسلام جيڪڏهن ڪن اعليٰ اصولن جو حامل آهي ته انهيءَ ڪسوٽيءَ جي آڌار تي هن کي ڪافر مطلق سڏڻ

زياده موزون ٿيندو.

سنڌي هاڻ پاڪستان مان تنگ اچي چڪا آهن. بقول سردار عطاءُ الله خان مينگل جي "پاڪستان گريٽر" پنجاب جو نالو آهي ۽ ان جي زياده عرصي تائين قائم رهڻ ڪري بلوچ ۽ سنڌي ريڊ انڊين بنجي پوندا.

هاڻ غور ڪرڻو پوندو تہ ان آزار مان ڪيئن جان آزاد ڪرائجي. پنجابي 20 لک لشڪر وري جديد اسلح جا حامل آهن، جن کي مغربي طاقتن پنهنجي تيل ۽ واپار جي مفاد خاطر مسلح ڪيو آهي، جن کي سنڌي ۽ بلوچ پنهنجي گهٽ تعداد، اسلح جي عدم موجودگي جي ڪري وڙهي آزادي وٺي نہ سگهندا. تنهن ڪري جيڪڏهن عدم تشدد جي اصولن ۾ هلندي پاڪستان جي ختم ڪرڻ لاءِ ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪن تہ امڪان آهي تہ اهي پاڪستاني پنجوڙ مان آزاد ٿي سگهن. پر اها ڳالهہ صاف ذهن ۾ ويهارڻ جي لائق آهي تہ هن وقت دنيا ۾ ٻہ مخالف طاقتون نبرد آزما آهن.

هڪ طرف مغربي سرمائيدار ملڪ آمريڪا جي سربراهي هيٺ آهن ۽ ٻئي طرف ڪميونسٽ ملڪ روس جي اڳواڻي هيٺ مظلوم ملڪن جي مدد سان برسر پيڪار ٿيڻ وارا آهن. چوڻي آهي تہ:

"وڙهن چور تہ پلو ٿئي ڌڻين جو"

ڀارت جو ملڪ تواريخي حقيقتن جي پيداوار آهي ، ان جي اتحاد لاءِ هڪ طرف اشوڪا، وڪرما جيت، اڪبر اعظم برٽش سرڪار متحد ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون.

ٻئي طرف ڪرشن مهراج، مهاتما ٻڌ، مهاوير، خواجہ معين الدين اجميري، گرونانڪ، راجا رام موهن راءِ، ڪبير ڀڳت، شاهہ عنايت، شاهہ لطيف ، سچل سرمست، سامي وغيره ڪوششون ڪيون، جي تاريخ جو جزو بنجي چڪيون آهن. ان ڪري هاڻ اسان کي شاهہ لطيف جي چوڻ مطابق:

پورب مارياس، ڪنهن در ڏيان دانهڙي؛
متيون ڏيئي لوڪ کي، چري آءُ ٿياس؛
جنين نہ جيهاس، مون لنو لڳي تن سان.
(شاهہ)

ڀارت سان الحاق ڪرڻ لازمي آهي، ڀارت هن وقت مرڪزيت تي زور وٺائڻ ڪري تڪليفن ۾ مبتلا آهي، اڳتي هلي هن کي ڪنفيڊريشن جي بنياد تي مختلف زبانن ۽ تهذيبن جي ماڻهن کي ڪم و بيش برٽش ڪئبينيٽ مشن جي بنياد تي گڏي هلائڻو پوندو ۽ بلوچن، سنڌين کي آزادي حاصل ڪرڻي پوندي.

اهل بينگال ڀارت سان بچاءَ جي سمجهوتو ڪرڻ ڪانسواءِ جا آزاديءَ ورتي سا ديرپا ثابت نه ٿي سگهي. هاڻ اسان کي وري ڀارت جي مدد سان آزادي حاصل ڪرڻي پوندي، اوير بينگال به آزادي ڀارت ۽ روس جي مدد سان ورتي، آمريڪا ۽ ان جا مددگار ملڪ پنهنجي اقتصادي، تجارتي ۽ تيل جي مفاد خاطر ڀارت کي ڪمزور ڪري پنهنجي تابع ڪرڻ گهرن ٿا، جنهن ڪري انهن سکن، جنتا پارٽي، مسلمانن جي هڪ گروهه جي مدد سان اندروني مخالفت شروع ڪرائي آهي.

اسان کي ذهن صاف رکڻا آهن، هن جديد دور ۾ مذهب کي سياست جو جزو ڪري هلائڻ ناموزون آهي.

مون کي نهايت افسوس سان ظاهر ڪرڻو پوي ٿو ته ڪميونزم جو قومن جي حق خوداراديءَ جو قائل آهي، ان جي ڪن ڪارڪنن کي سنڌ ۾ اهل پنجاب لالچ ۽ مدد ڏئي، سنڌ جي آزادي جي راهه ۾ اختلاف پيدا ڪري رهيا آهن.

ون يونٽ پيري اهل پنجاب جي سوشلسٽ ڪارڪنن کي راضي ڪرڻ لاءِ روس وارن ون يونٽ جي حمايت ڪئي.

هاڻ اهل پنجاب جي لشڪري طاقت ۽ تعداد جي گهٽائيءَ کي مدنظر رکي پنهنجي اصولن نندين قومن جي حق خوداراديءَ جي حمايت ڪن.

ٻئي طرف هندستان هڪ طرف صنعتي ملڪ هئڻ ۽ اندروني اختلافن ڪان ٻڃي پروارن ملڪن سنڌ ۽ بلوچستان جي حق خود ارادي تي مدد ڪرڻ لاءِ رضامند نٿو ٿئي. ان ڪري اسان جي حالت نازڪ آهي.

اهل پنجاب کي سندن ملٽري سول سروس ۾ تعداد جي اثارتيءَ جو گهمنڊ آهي، ان ڪري کين عقل اچڻ جو امڪان گهٽ

آهي. اسان سنڌ واسين ۽ بلوچن لاءِ ٻه رستا رهيل آهن. يا تہ ماٺ ڪري پنجاب سامراج جي ڪالونائيزيشن جي زد ۾ اچي ريڊ انڊين بڻجي وڃون يا عوام کي سنڌن مستقبل جي خطرن کان آگاهہ ڪري، پنجابين جي پنجوڙ مان آزاد ڪرڻ لاءِ راهہ هموار ڪريون.

هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي تہ تشدد جي پاليسي اسان لاءِ خودڪشيءَ جي برابر ٿيندي، هڪ تعداد ۾ گهٽ، پاڻ ۾ قومي شعور جي گهٽتائي، عوام ۾ خاص خود مطلبيءَ جي مرض ۾ مبتلا هئڻ ڪري ملڪ ۽ قوم جي گڏيل آزادي لاءِ ڪوشش ڪرڻ جي راز کان واقف نہ ٿيا آهن.

اسان کي اسلام جي غلط تشريح يا سوشلزم جي ٽرائسڪي واري پاليسي کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

دنيا ۾ هن وقت ٻن وڏين طاقتن جي وچ ۾ اقتدار لاءِ جنگ هلندڙ آهي، جن ۾ نظرياتي ۽ اقتصادي مفادن ڪري ترت سمجهوتو ٿيڻ جو امڪان نظر نٿو اچي، ان ڪري جنهن صورت ۾ سرمائيدار سامراج جي مفاد ۽ اشتراڪي طاقت جي اختلافن جي وچ ۾ سمجهوتو ٿيڻ جو امڪان گهٽ آهي. ظاهر ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ ڀارت ۽ روس هڪ طرف ۽ سرمائيدار ملڪ ٻئي طرف تصادم ۾ اچڻ واري آهي، اسان کي موقعي جو انتظار ڪرڻ گهرجي. پوءِ روس ۽ ڀارت جي مدد سان پنهنجي آزادي حاصل ڪرڻي پوندي.

هيءَ ڳالهہ صاف سمجهي ڇڏڻ گهرجي تہ عام نوجوان جو ڪميونسٽ ملڪن جي لٽريچر کي پڙهندي گوريلا جنگ ڪرڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن ساڳ ڳالهہ خودڪشي جي مترادف ٿيندي. اسان تعداد ۾ ٿورا آهيون. اڃا ٻہ وارا ملڪ ڀارت ۽ روس پنهنجي سياسي مفاد خاطر اسان جي مدد لاءِ تيار ڪونہ ٿيا آهن، بلڪ پنهنجي مشڪلاتن ۾ ڦاٿا پيا آهن.

تنهن ڪري حال قومي سياسي شعور پيدا ڪرڻ ۽ شخصي مفاد تي قومي مفاد کي ترجيح ڏيڻ ۽ پاڪستان کي زهر قاتل سمجهڻ لاءِ پرچار ڪرڻ طرف توجهہ ڏيڻ گهرجي. آزادي حاصل ڪرڻ کان اڳ اسلام ۽ سوشلزم جي ڏوڪي کان خبردار رهڻ گهرجي.

باب اول
پاڪستان جو وجود غلط بنيادن تي برپا ڪيل هو

جي چتائي ڏسبو تہ پاڪستان جي قائم ڪرڻ لاءِ جي اصول ۽ دليل پيش ڪيا ويا سي ڪم و بيش هيٺيان هئا.

1_ پاڪستان جا مسلمان جدا قوم هئا ۽ اتي جا رهاڪو هڪ قوم هئا.

2_ اسلام دين مڪمل هو ۽ ٻين دينن کان عليحده ۽ برتر هو.

3_ مسلمان ملڪن جي اتحاد لاءِ پاڪستان جو وجود ڪارگر آلہ ڪار هو.

4_ پاڪستان جي حڪومت دنيا جي جديد ترقي پسند سياسي نظرين جي خلاف اسلامي نظريہ حڪومت موجب هلائڻ گهرجي.

5_ جمهوريت جي خلاف آمرانہ حڪومت زياده ڪارگر ثابت ٿي آهي.

مون پنهنجي مختلف ڪتابن ذريعي اڳئي ظاهر پئي ڪيو آهي تہ اهي پنجئي نظريا غلط هئا. جي اهل پنجاب ۽ مهاجر طبقي پنهنجي طبقاتي ۽ سياسي مفاد لاءِ ايجاد ڪري نندين قومن جهڙوڪ سنڌين، بلوچن ۽ پختونن کي پنهنجي تسلط ۽ استحصال لاءِ ايجاد ڪيا هئا.

جنهن صورت ۾ پڙهندڙن لاءِ منهنجي سيني ڪتابن جن ۾ انهن ڳالهين جو تفصيل سان ذڪر ڪيل آهي، پڙهڻ يا حڪومت جي پاليسيءَ ڪري گهڻن ڪتابن جو ضبط ٿيڻ يا ناياب ٿيڻ ڪري پڙهڻ مشڪل آهي. ان ڪري ناظرينن جي سهوليت خاطر مختصر طور مٿي ذڪر ڪيل اصولن تي دليل ڏئي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس تہ ڪهڙي طرح اهي ذڪر ڪيل بنيادي اصولن غلط بنيادن تي تعمير ٿيل هئا.

(1) پاڪستان جا مسلمان هڪ قوم نہ هئا

قوم جو جديد ترين تخيل پنجن اصولن تي ٻڌو وڃي ٿو. جنهن کي اقوام متحده بہ قبول ڪيو آهي.

قوم لاءِ هڪ جاگرافيائي ملڪ، هڪ زبان، ساڳيا تاريخي روايات، هڪ ڪلچر، ساڳيا سياسي ۽ اقتصادي مفاد ٿين ٿا.

پاڪستان جا مسلمان انهيءَ لفظ نگاهہ کان هڪ قوم نہ هئا.

موجوده چئن صوبن وارو پاڪستان جاگرافيائي طور ڪڏهن به هڪ ملڪ ٿي نه رهيو آهي، ڇيوان ۾ سنڌ، پختون ايريا، پنجاب، بهاولپور، بلوچستان جدا جدا جاگرافيائي ملڪ پي رهيا آهن.

انهن ۾ زبانون به عليحده ڳالهايون وڃن ٿيون. انهن جا تاريخي روايت عليحده رهيا آهن.

سنڌ گذريل 5 هزار سالن کان جاگرافيائي حدن جي حوادث زماني ڪري گهٽ وڌ ٿيڻ جي باوجود پنهنجو عليحده وجود قائم رکيو پئي آئي آهي، جنهن جي زبان، روايات ڪلچر جلسي ۽ اقتصادي مفاد جدا پي رهيا آهن.

اهڙي طرح پختون ايراضي به جاگيرائي حدن جي گهٽ وڌ ٿيڻ جي باوجود زبان، روايات ڪچر ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد جدا پي رکيا آهن. جنهن ايراضي کي پنجاب سڏيو وڃي ٿو. اهو مغلن ۽ سکن جي ڏينهن ۾ موجود ايراضي تي مشتمل هو. ليڪن ان ۾ جدا زبانون پنجابي، پوٺواري، هندڪو سرائيڪي رائج پي رهيون آهن. هنن انهن کي ڇڏي مهاجرن جي زبان اردو کي قومي زبان بڻايو آهي، جا عام ماڻهن جي زبان نه پي رهي رهي آهي. بهاولپور کي هن وقت پنجاب جو حصو بڻايو ويو آهي. ليڪن اهو ملڪ دائود پوٽا بهاولپور رياست تي مشتمل هو. ان جي زبان سرائيڪي هئي. ان جا عام ماڻهو ان کي گهڻي وقت کان جدا سرائيڪي صوبو بنائڻ جي فائدي ۾ پي رهيا آهن پر پاڪستان تي پنجابي تسلط قائم ٿيڻ ڪري اهل پنجاب انهن جي مٿئين طبقي کي هيسائي ۽ ڀيڄاري پنجاب جي حصه شمار ڪرڻ جو آواز ڪيدائي رهيا آهن.

بلوچستان ۾ ٽي زبانون رائج آهن. بلوچي، پختون، سنڌي پرزوريءَ انهن تي اردو زبان مڙهي ويئي آهي. انهن جا ڪلچر، تاريخي روايات ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد عليحده پي رهيا آهن. هنن سندن آزاديءَ لاءِ ڪيترا دفعا جدوجهد ڪئي آهي، اجا تائين هو پنهنجي جدا گانه حيثيت جي قيام لاءِ ڪوشان آهن.

پختون قوم سان ظلم اهو ڪيو ويو آهي ته انهن کي صوبه سرحد، پنجاب، بلوچستان، افغانستان ۽ آزاد علائقه ۾ ورهائي ڇڏيو ويو آهي، هو جدا زبان، روايات ۽ سياسي ۽ اقتصادي مفاد جا مالڪ آهن. هن سندن آزاديءَ لاءِ ڪيئي دفعا ڪوششون ڪيون آهن. تنهن ڪري، انهن کي مسلم قوم جو حصو سڏي پاڪستان ۾ پنجابي جي غلبي هيٺ رکڻ غلط آهي.

جيڪڏهن مسلمان هڪ قوم آهن ته ساري دنيا جا مسلمان هڪ سمجهڻ گهرجن، پر تاريخ جي ڪنهن به دور ۾ اهي هڪ قوم نه رهيا آهن، انهن پاڻ ۾ جنگيون ڪيون آهن. هڪ ٻين جا خون وهايا آهن. هن وقت به پنجابي، سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻن کي غلام رکيو ويٺا آهن. ايران ۽ عراق جنگ ۾ مشغول آهن. پاڪستان ۽ افغانستان هڪ ٻين جي خلاف آهن. انهن کي هڪ قوم سڏڻ تواريخي حقيقتن جي خلاف ٿيندو.

(6) اسلام دين مڪمل هوءِ اهو ٻين دينن کان عليحده ۽ برتر هو

اها ڳالهه اسلام جي بنيادي اصولن جي خلاف هئي. اسلام دين فطرت هئڻ جي حالت ۾ هميشه ارتقا پڙ ۾ رهڻو هو. هن ۾ روز نوان نوان نياپا اچڻا هئا.

اسلام جي نالي سان جو دين سڏيو وڃي ٿو. ان ۾ هن وقت اٽڪل 35 فرقا پيدا ٿي چڪا آهن، جن ۾ هڪ ناجي ٻيا سڀ ناري سڏجڻا هئا.

هڪ حديث مطابق اسلام ۾ 76 فرقا پيدا ٿيڻ وارا هئا، جن ۾ هڪ ناجي هوندو ۽ ٻيا ناري هوندا.

اسلام بابت مون پنهنجي ڪتاب "سنڌو جي ساجاهه" ۾ ڄاڻايو آهي ته اسلام دنيا جي جملي دينن جي ڪثرت پويان وحدت جو پيغام کڻي آيو هو. ان کي جدا دين ڪري مڃڻ دين فطرت جي بنيادي اصول جي خلاف هو. مسلمانن کي سيني دينن کي حق تي مڃڻو هو. انهن جي تعليم ۽ پيغامبرن ۾ تفاوت نه ڪرڻو هو. جهڙي طرح ٻين دينن جون شريعتون ۽ قانون معاشري جي تبديلي ڪري منسوخ ٿي وڃڻ ٿيون. اهڙي طرح اسلام جي اوائلي قانونن ۽ شريعت کي رد سمجهي حالات مطابق بنائڻ لازمي هو. ان جي شريعت کي هميشه لاءِ مڪمل سمجهڻ غلط هو. شريعت اسلام جا مکيه قانون معاشري جي تبديلي ڪري رد ٿي چڪا آهن، اسلام 60 سيڪڙو يهوديت جي دين کان استفاده ڪيو آهي. ان ۾ ٻين دينن جهڙو ڪرسچنٽي، عربن جا قديم دستور، زراشترزم، ٻڌازم، هندو وغيره مذهبن جا جزا سمايل هئا.

مکيه اصولن کان سواءِ جي گهڻو ڪري سيني مذهبن جا ساڳيا ٿين ٿا. شريعتي ۽ فروغي ڳالهيون زماني جي تبديل ڪري بدلجڻ واريون هيون.

اسلام نه جدا دين هو نه ان جو جدا دين سڏجڻ جو مقصد هو.

عرب سامراج طرفان ان جي بنيادي اصولن رد ڪري هڪ جدا ۽ مڪمل بڻايو ويو هو.

دنيا ۾ ڪابہ شيءَ جدا رهي نٿي سگهي، سڀ دين هڪ دين کان ڪي ڳالهيون مستعارڪن ٿا ڪنهن دين کي مڪمل سڌڻ جي معنيٰ غلط آهي، هر ڳالهہ ۾ تبديلي ايندي رهندي، نئين سر نيون ڳالهيون داخل ٿينديون رهنديون.

تنهن ڪري ڪنهن دين يا نظريي کي مڪمل يا آخري سڏڻ قانون فطرت جي خلاف هو.

مون " سنڌو جي ساجاهہ" واري مذهبي باب ۾ ڄاڻايو آهي تہ ڪهڙي طرح مذهبن جي شروعات ٿي ۽ پوءِ انهن جي ترقي ٿيندي آئي معاشري ۽ زماني جي تبديلي ڪري انهن جي شريعتي ۾ تبديلي اچڻ لازمي ڳالهہ هئي.

خود اسلام جون بہ جدا حالات موجب عربي، ايراني، يورپي هندي تشريحون ٿيل آهن. اسلام جا شڪل ۽ صورت سنڌ ۾ اختيار ڪئي هئي. اها ستن مختلف مذهبن جو نچوڙ هئي. جهڙوڪ 1ـ هندو 2ـ ٻڌ، 3ـ جين، 4ـ زراشترم، 5ـ يهوديت، 6ـ عيسائيت ۽ 7ـ عرب اسلام، ان ڏس ۾ سنڌي ۽ هندي بزرگن طرفان ڪوششون بہ ٿيل آهن. سر زمين سنڌ ۽ پنجاب ۽ ٻين هندستاني ملڪن جي بزرگن ڪثرت مذاهب پويان بنيادي وحدت جو پيغام پيش ڪيو هو. علامہ اقبال جي اسلامي تشريح فسطائي قسم جي هئي، اسلام جي صحيح تشريح گرونانڪ، خواجہ غلام فريد، بلاشاهہ ۽ شاهہ باهو جهڙن بزرگن ڪئي هئي.

اقبال نطشي جي تعليم جو پوئلڳ هو. هن جو قول ۽ فعل جدا هئا. هو ڇڪلائي، زاني، انگريزي سلطنت جو نمڪ خوار ۽ انگريزي تجويز موجب هندستان کي ورهائڻ جو حامي صوفيائي ڪرام جي تعليم کان بي بهره هو. ان ڪري ان جو پيش ڪيل ٻن قومن جو نظريو ۽ مسلمانن جي دنيا جي قومن جي امامت ڪرڻ جي ٻڌاڪ واهيات ۽ بڪواس هئي. ان جي تشريح کي شهريت صرف ان ڪري ڏني وڃي ٿي جو پنجابي ۽ مهاجر مستقل مفاد جي فائدي وٽان هئي.

(3) مسلمان ملڪن جي اتحاد لاءِ پاڪستان جو وجود ضروري هو.

جيڪڏهن تاريخ تي نظر ڪبي تہ پاڪستان کي انگريزن وجود ۾ انهيءَ ڪري آندو جو هنن کي ڀارت جي گڏيل طاقت کي ڪمزور ڪري هن خِطہ زمين ۾ پنجابي لشڪر جي وفاداري جي

پروسي تي هڪ اهڙو ملڪ پيدا ڪرڻو هو جو آئنده هلي سرمائيدار ملڪن جو آلہ ڪار ٿي ڪم اچڻو هو.

مون کي ياد آهي تہ سنہ 1941ع جي آخر ڌاري جڏهن اتحادين ۽ جرمن جي وچ ۾ ٻي مهاڀاري جنگ هلي رهي هئي ۽ هندستان کي انگريزن جو لشڪر ۽ ٻي سامان جو مکيہ اڏو سمجهي هٽلر سويز واهہ تي قبضي ڪرڻ جي ارادي سان جنرل رومل هيٺ مصر کي فتح ڪرڻ ۽ فوجون موڪلي لبيا جي طرف کان ڪاهہ شروع ڪئي هئي. ان وقت مصر ۾ هندستاني فوج انگريزن طرفان لڙي رهي هئي. جن ۾ سک ۽ پنجابي مسلمان گهڻي تعداد ۾ هئا. انگريزن هندستاني لشڪر جو موريل وڌائڻ لاءِ سر سڪندر حيات خان کي لشڪر جي همت افزائي لاءِ مصر ۾ گهرايو هو مصر وڃڻ کان اڳ هو ڪراچيءَ ۾ صدر اسٽيشن جي پر ۾ ڪارلٽن هوٽل ۾ اچي لٿو هو. اسان کي جڏهن پتو پيو تہ دوستيءَ ۽ واقفيت جي بنياد تي شيخ عبدالحميد، خانبهادر کهڙو، خانبهادر الهہ بخش سومرو ۽ آءٌ کيس ملڻ وياسون. ان وقت مون وزارت تان استعيفيٰ ڏئي جملي مسلمان ميمبرن کي گڏي آل پارٽيز سرڪار ٺاهي خانبهادر الهہ بخش کي وزير مقرر ڪرايو هو.

سردار صاحب کي اها ڳالهہ معلوم هئي. ان مون کي چيو تہ "الهہ بخش کي وزارت ۾ آڻي مسلم ميمبرن جي اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ جو تو ڪم آهي. سو نهايت عمدو آهي. هاڻ اوهان مطابق منشا قانون پاس ڪرائي سگهندا. ائين چئي الهہ بخش ڏي مخاطب ٿي چيو تہ "هاڻ مون وانگر تون بہ مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿي آل انڊيا مسئلن بابت گڏيل ڪم ڪر".

ڪجهہ ڏينهن اڳ پنجاب اسيمبليءَ ۾ سر سڪندر وزيراعظم جي حيثيت ۾ تقرير ڪندي چيو هو "نہ پاڪستان خام خيال آهي، ليگ صرف پروپئگنڊا خاطر ان لاءِ آواز ڪڍي ٿي، ليڪن هو ان جي فائدي ۾ نہ هو.

ان تي خانبهادر الهہ بخش کيس چيو تہ، سردار صاحب مون کان اهو ڪم نہ پڄندو جو پاڪستان جي مخالفت بہ ڪريان، ۽ مسلم ليگ ۾ بہ شامل ٿيان، آءٌ پاڪستان جي قيام کي سنڌ مسلم اڪثريت وارن صوبن ۽ هندستان جي گڏيل مفاد جي خلاف سمجهان، ان ڪري مسلم ليگ ۾ شريڪ نہ ٿيندس.

ان تي سر سڪندر حيات ڪيس چيو ته خود جناح صاحب پاڪستان جو نالو وٺڻ کان ڇرڪي ٿو جي مون اها پاليسي ورتي ته ڇا ٿيو پوءِ 1930ع واري پهرين گول ميز ڪانفرنس ۾ جو ذڪر ٿيو جنهن جي پارليامينٽري ڪاميٽيءَ جي ڪميشن ۾ هڪ پارليامينٽ جي ميمبر مسلم ميمبرن کان سوال پڇيو هو ته پاڪستان لاءِ اوهان جو ڇا چوڻ هو ان ۾ جناح صاحب ۽ سر ظفر الله خان به ميمبر هئا. ان تي سر ظفر الله خان مسلم ميمبرن جي طرفان چيو هو ته : اها ڳالهه ڪن انگلينڊ جي مسلم شاگردن طرفان هلايل هئي، جنهن جو اڳواڻ چوڌري رحمت علي هو اسان مسلم سياستدانن جو ان ڳالهه سان رابطو نه هو. اسان جناح واري 14 پوائنٽن جا حامي هئاسون، جنهن موجب گڏيل هندستان ۾ 33 سيڪڙو مرڪزي اسيمبليءَ ۾ نمائندگي گهربل هئي.

ان بعد سر سڪندر حيات مصر ويو ۽ وچي پنجابي فوجين ۾ تقريرون ڪري همت افزائي ڪئي. سر ونٽس چرچل برٽش سرڪار جو پرائيم منسٽر اتي ڪيس مليو. ان سندس شڪريو ادا ڪري چيو ته هندوستان جي مسلمانن انگريزن سان وفاداري ڏيکاري آهي. هاڻ برٽش سرڪار ان نتيجي تي پهتي آهي ته هو گهڻو وقت هندستان کي زوريءَ زبردست رکي نه سگهندا. جنگ پوري ٿيڻ کانپوءِ اهو انڊيا کي آزادي ڏيڻ وارا آهن. پر ڪانگريس جي روش مان ڪين شڪ هو ته آزادي کانپوءِ هندن تي هو ڀروسو ڪري نه سگهندا. مسلمانن هن نازڪ وقت ۾ سندن مدد ڪري ثابت ڪيو آهي ته هو آزاديءَ کان پوءِ انگريز سرڪار سان وفادار ٿي رهندا. "ان ڪري هنن فيصلو ڪيو آهي ته هندستان کي ورهائي هڪ حصو مسلمانن جي حوالي ڪندا. جتي هنن جي اڪثريت هوندي ۽ ٻيو حصو هندن جي حوالي ڪندا. جتي هندن جي اڪثريت هوندي. ان لاءِ هن هندستان جي وائسراءِ کي لکي موڪليو آهي ته آئنده آزاديءَ جي اسڪيم ۾ هندستان کي هندو انڊيا ۽ مسلم انڊيا ۾ ورهائڻ جي تجويز تيار ڪرائي، جنهن اهو اهم ڪم وائسراءِ جي قانوني وزير سر ظفر الله جي حوالي ڪيو آهي. ان ڪري انگريزن جي مخالف ڪانگريس جي طاقت به ڪمزور ٿيندي ۽ پوئتان هندستان جي مسلم ورهاست واري حصي ۾ هڪ وفادار حڪومت طاقت ۾ رهندي جا اڳتي هلي وچ مشرق جي مسلمان ملڪن جي اڳواڻي ڪري انگريز سامراج لاءِ

هڪ دوست گروهه پيدا ڪري سگهندي. اوهان کي آئنده مسلم ملڪن جي ليبڊريءَ جي حيثيت ملڻ واري آهي.“

اها ڳالهه ٻڌڻ بعد سر سڪندر خوش ٿي سڌو اچي جناح صاحب کي اها خبر ٻڌائي. جنهن ڪانپوءِ جناح ڪليو ڪلايو پاڪستان جو نالو وٺڻ لڳو ورنه خود لاهور جي ٺهراءُ وقت به پاڪستان جو نالو نه ورتو هو. ان مان صاف ثابت ٿئي ٿو ته هندستان کي ورهائي مسلمانن کي جدا ملڪ (پاڪستان) ڏيڻ انگريزي سامراج جي تجويز هئي. جنهن جناح ۾ مسلم ملڪن جو ليبڊر ٿيڻ جو حرص پيدا ڪيو. ان ڪري جناح پاڪستان جي قيام ڪانپوءِ اهو چوڻ لڳو ته، پاڪستان دنيا جي وڏي ۾ وڏي مسلم حڪومت هئي. ان کي اقبال جي چوڻ مطابق شجاعت ۽ امامت جا فرائض انجام ڪرڻا هئا. وغيره اهي سڀ انگريزي سامراج جا ايجاد ڪيل نظريا هئا.

هن وقت انگريزي سامراج جي جاءِ جڏهن آمريڪا ورتي آهي ته هو جناح جي جاءِ نشين کي مسلم ملڪن جي اتحاد جي نالي ۾ گڏي، سرمائيدار ملڪن جي مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجو آلاڪار بنائي رهيا آهن.

(4) پاڪستان نظام اسلامي جي لاءِ متحده ٿي مسلمان ملڪن کي ڪنو ڪرڻ وارو هو

جنهن صورت ۾ مسلمان ملڪ پوئتي پيل، غريب ۽ سرمائيدار ملڪن جي اثر هيٺ هلي رهيا هئا. ان ڪري انهن کي گڏڻ لاءِ نظام اسلامي جو نالو وٺي، عوام جي جاهل مسلمانن کي مذهب جي نالي ۾ متحده ڪرڻ جو آواز ڪڍڻو پيو. پهرين جناح صاحب باوجود اسلامي مان واقفيت نه هئڻ جي اسلام جو نالو وٺڻ شروع ڪيو پر جنهن صورت ۾ هنجي رهڻي ڪرڻي مغربي هئي، هو برٽش لبرل روايات جو حامل هو. ان ڪري اهو ان ۾ ڪامياب نه ٿيو. ۽ هر به ايتري ڪانه ٿيس جو ان لاءِ ڪجهه ڪري سگهي، پوءِ لياقت علي خان ان لاءِ ائين تاهڻ وقت جي بنيادي متا آئين ۾ داخل ڪيا. ان ۾ خدا جي حڪومت ۽ اسلامي نالا وغيره داخل ڪيا، پر ان جي رهڻي ڪرڻي به جداگانه هئي، هو فرعون صفت هو. سندس زال مينا بازارون لڳارائي اهڙو رويو اختيار ڪيو جو عام ماڻهن ۾ سندس لاءِ نفرت پيدا ٿي پئي، ازانسواءِ اردو زبان، مهاجرن جي سرپرستي، يوپي تهذيب جي راڳ ڳائڻ ڪري هڪ طرف، ٻي طرف اهل بينگال اهل

پنجاب ۽ سنڌين سان اهڙيءَ روش ورتي جو اتي جي رهاڪن ۾ ان لاءِ نفرت پيدا ٿي پئي. هن شهيد سهروردي کي هندستان جو ڪتو سڏي، آئين ساز اسيمبليءَ مان خارج ڪرايو.

غلام محمد خان کي حڪومت مان ڪيڏڻ جي سازش سٽي، پنجاب جي سياستدانن کي ويڙهائين. سنڌ ۾ ڪراچي کي مهاجرن جو ڳڙهه بنائڻ لاءِ جناح صاحب کي گمراهه ڪري مرڪزي حڪومت جي ماتحت رکڻ، خانبهادر کهڙي کي ان جي مخالفت ڪرڻ ڪري جيل ۾ وجهي وزارت مان خارج ڪرائڻ، سنڌي ثقافت لاءِ ناجائزءِ هتڪ آميز الفاظ ڪتب آڻڻ ته "انهن جي تهذيب گڏهن هڪلڻ ۽ انن ڪاهڻ جي قوم واري هئي." تعجب جون ڳالهيون هيون، جنهن ڪري مجبور ٿي اهل پنجاب کيس قتل ڪري منجهانئس جان ڇڏائي.

ان ڪانپوءِ هر وزارت اسلام ۽ اسلامي حڪومت جو نالو وٺندي رهي، ڪڏهين فلسطين جي مسئلي جي نالي ۾، ڪڏهين ڪشمير حاصل ڪرڻ جو آواز اٿارڻ سان، ڪڏهين هندستان جي خوف ڏيارڻ، ڪڏهين روس جي لادينيت جو خطرو سامهون آڻي حڪومت جي پاليسي هلائيندي آئي پر آخري ڪوشش هن وقت جنرل ضياءَ الحق جي دور حڪومت ۾ ڪئي وڃي ٿي، جنهن ۾ اسلامي نظام حڪومت هڪ طرف، مسلمان ملڪن جو اتحاد ٻئي طرف، آمريڪن بلاڪ جي سامراج جي اشاري تي افغانستان جي ماڻهن کي مذهب جي نالي روس جي خلاف ڪرڻ، نماز پڙهائڻ، دقيانوسي اسلامي قانون ملڪ سان رائج ڪرڻ هنري دور ۾ وياج ڪانسواءِ بئنڪون هلائڻ قاضي عدالتون جاري ڪري، ماڻهن کي وحشيانه سزائون ڏيارڻ وغيره دستور انهيءَ رائج ڪرايا آهن.

سامراج جو آله ڪار ٿي هندستان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ڪشمير جو سوال، سکن جو سوال، مسلمانن کي هندن جي خلاف ڪرڻ ۽ جنتا پارٽيءَ جي ذريعي هندستان جهڙي غريب ملڪ ۾ سرمائيدار نظام حڪومت هلائڻ جون، سازشون سٽي، حڪومت هلائي ٿو. ان مان دانشورن کي قوي گمان پيدا ٿي رهيو آهي ته هيءَ پاليسي اسلام جي بيخ ڪني ڪري، دهريت طرف ماڻهن کي پاڪستان کي ختم ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندي.

اسان کي ملڪ آهي پاڪستان جون حڪومتون آمريڪي سرمائيدارانه بلاڪ جي زير تسلط رهيون آهن، جنهن جو ارادو ڪين

عرب ۽ ايران ملڪن ۾ روس سان تصادم ۾ آڻڻ جو آهي. پارت ۽ روس سان تصادم ۾ آڻڻ جو آهي، جو ان ڪري اختلاف دور ڪرن ان بلاڪ جي مفاد وٽان نه آهي، جو ان ڪري سندن ايجنٽ ملڪ اسرائيل ڪمزور ٿيندو. ان ڪري نه اسلامي ملڪ ڪنا ٿيڻ وارا هئا ۽ نه اهل پنجاب پنهنجي سامراجي مفاد خاطر سنڌ، بلوچستان ۽ پختونستان ۽ ڪان ظلم گهٽ ڪرڻ وارو هو ۽ نه آمريڪن ان ڪي هندستان ۽ روس سان ٺهڻ ڏيندا. تنهن ڪري مسلمان ملڪن جو متحده ٿيڻ جو مقصد حاصل ٿيڻ وارو نه هو امڪان قوي آهي ته انهن جي اشاري تي هو روس ۽ هندستان سان تصادم ۾ اچي، پاڻ کي به زبون ڪن ۽ ننڍين صوبن جي همدردي به حاصل ڪري نه سگهن، جنهن جي نتيجي ۾ پاڪستان تباهه تي ويندو.

(5) جمهوريت هن ملڪ لاءِ ڪارگر ثابت نه آهي، تنهن ڪري آمرانه حڪومت هلائڻ گهرجي

حڪمران طبقي اول ۾ دنيا ۽ هتي جي رهندڙ ماڻهن کي جمهوريت جي نالي جو ڏوڪو ڏئي پرچائيندا آيا پر وقت بوقت ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري آمرانه حڪومت پيا هلائي آهي.

پهرين بدعت جناح وڌي، جنهن هڪ ئي وقت ۾ گورنر جنرل جو عهدو سنڀاليو جنهن ۾ برٽش سرڪار سان وفاداريءَ جو حلف کنيائين. ساڳئي وقت آئين ساز اسيمبليءَ جو ڪجهه وقت لاءِ صدر رهيو ۽ مسلم ليگ جماعت جو پريزيڊنٽ رهي، سڀ طاقت پنهنجي هٿ ۾ رکيائين پر ماڻهن کي ڏوڪي ڏيڻ لاءِ جمهوريت جو نالو وٺندو آيو. ڪراچي شهر صوبه سنڌ کان کسي مرڪز جي حوالي ڪري مهاجرن کي لاتعداد ۾ آڻايائين، هندن جي ڇڏيل ملڪيت جا سنڌ مان ڪمايل هئي، سنڌين جي عيوض مهاجرن کي ڏياريائين، اردو ٻولي جا پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جي زبان نه هئي کي زوريءَ قومي ٻولي بنايائين. خانبهادر کهڙي خوشيءَ سان ڪراچي نه ڏني ته هن کي ڪوڙي ڪيس هيٺ جيل ۾ وجهي زوري ڪراچي کي مرڪز جي حوالي ڪيائين، پير الاهي بخش جنهن الهه بخش مرحوم جي ڏينهن ۾ ڪيس گهٽ وڌ ڳالهايو هو ان کي مهاجرن جو پنو بنجڻ تي سنڌ جو وزيراعليٰ ڪيائين، جو پوءِ منهنجي اليڪشن ۾ ڏانڊليون ڪرڻ جي پاداش ۾ اليڪشن ٽربيونل جي فتويٰ موجب وزارت اعليٰ

۽ ميمبريءَ تان خارج ٿيو.

ڪراچيءَ ۾ مهاجرن کي آڻائي انهن کي سندن ڪالوني بنائڻ جي شروعات ڪئي ۽ مخالفن تي سختيون ڪيائين. مون کي نظربند ڪيائين، خان عبدالغفار خان ۽ خان عبدالصمد خان کي جيل ۾ موڪليائين.

سنڌ جي مسئلي لاءِ جڏهين سنڌين جو وفد ڪيس زيارت ۾ ملڻ ويو ۽ انهن ڪيس چيو ته ڪراچي سنڌ کان نه کسي وڃي ڇاڪاڻ ته مسلم ليگ ڪائونسل، سنڌ اسيمبلي ۽ سنڌي عوام ان جي مخالفت ڪئي آهي، جنهن تي چيائين ته اهي ڪير ٿيندا آهن ان تي علي اڪبر شاهه ڪيس چيو ته مسلم ليگ اها جماعت آهي، جنهن پاڪستان حاصل ڪيو ته جواب ڏنائين ته مٿي ذڪر ڪيل جماعتون ڪجهه نه هيون، پاڪستان هن پاڻ ورتو هو. لياقت علي مهاجرن کي آباد ڪرايو، سنڌ ۾ هندن جون ملڪيتون انهن جي حوالي ڪيائين، سنڌي هندن کي، فساد ڪرائي، سنڌ مان نڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو. نتيجو اهو ٿيو جو 13 لک سنڌي هندو جي سنڌي تهذيب ۽ تمدن جا علمبردار هئا، کي مجبور سنڌ ڇڏڻي پئي.

سنڌين لاءِ هميشه حقارت آميز الفاظ ڪتب آڻيندو هو. ڪائيندو به سنڌ جو هو ۽ گهٽ وڌ به انهن کي ڳالهائيندو هو. سڪندر مرزا، ڪنٽرول جمهوريت جو لفظ ايجاد ڪري حڪومت هلائي، ان ڪانپوءِ تي دفعا مارشل لا لڳايو ويو آهي، اسيمبليون ختم ڪيون ويون آهن.

هاڻ ته اسلامي طريقه حڪومت جو راڳ آلاپيو پيو وڃي ڇي هر مرض جو علاج اسلامي نظام حڪومت ذريعي حاصل ٿي سگهندو. 4 سئو ورهيه گذري ويا آهن ته اسلامي نظام ڇا ٿيندو آهي، اهو فيصلو ٿي نه سگهيو آهي.

اسلام جي نالي ۾ دنيا جي سياست ۾ جي خرابيون پيدا ٿيون، اهي تاريخ جي ورقن ۾ درج آهن، پر اجا تائين ائين چيو وڃي ٿو ته جمهوري نظام حڪومت لاءِ ماڻهو لائق نه آهن.

باب پهريون
پاڪستان جو وجود تاريخي حقيقتن جي خلاف هو

تاريخ جي ساهرن کي خبر آهي تہ زماني جي ڪاروبار تي ٻہ شيون اثر انداز ٿين ٿيون. (1) فطري قانون. (2) انساني دماغ جا ايجاد ڪيل قانون ۽ نظريا.

فطري قانون:

اهي لاتعداد عناصر تي مدار رکندڙ بقائي اصلح ۽ فطري چونڊ جي جوڙجڪ تي ٻيڌل قانون ٿين ٿا.

ملڪ. قوم. تهذيب. نسل. زبان. روايات. سياسي ۽ اقتصادي مفاد ان جا جزا ٿين ٿا.

ڪن جو چوڻ آهي. گردش آسمان (نظام شمسي) آب وهوا. ماحول. زمين جي ساخت نسلي جوڙجڪ جو بہ ان قانونن ڪي جوڙڻ ۽ موڙڻ ۾ اثر ٿئي ٿو.

بقائي اصلح جا بہ ڪيئي قسم بيان ڪيا اٿن. جسماني طور تي مضبوط ۽ طاقتور هئڻ بہ اصلح ۾ شمار ڪيا اٿن. ڪن دماغ جي ترقي کي ان ۾ شامل ڪيو آهي.

ڪن صالح ڪمن کي ان ۾ وڏو درجو ڏنو آهي. صالح ڪمن ۾ شخصي مفاد کان جماعتي ۽ قومي مفاد واري پرايڪاري جذبي کي اهميت ڏني آهي.

ملڪ زمين جي فطري قانون مطابق تبديل ٿي نہ ٿا. ڪن ملڪن ۾ رڻ پٽ آهن. ڪي سرسبز دريائن تي مدار رکن ٿا. ڪي بارشن ڪري پيدا ٿيل سبز واري تي مشتمل آهن. ڪي سمنڊ جي ڦير گهير ڪري وجود ۾ آيل آهن ڪي ڏرتين جي ڏيڻ. ڪي زمين جي هيٺ مٿي ٿيڻ ڪري پيدا ٿين ٿا. انهن جون حدون ڪڏهين فطري سببن ڪري مقرر ٿين ٿيون. ڪڏهين قومن ۽ ماڻهن جي اثر ۽ رسوخ ڪري تسخير ٿيل ايراضين ڪري وجود ۾ اچن ٿيون. انهن جون حدون ڪڏهن جبلن. دريائن. سمنڊن. رڻ پٽن. جدا جدا نسلن وارن قومن جي پيدا ڪيل حد بندي ڪري پيدا ٿين ٿيون ۽ اهي بہ اڪثر بدلبيون رهن ٿيون.

هندستان جي برصغير کي ٻن پاسن کان سمنڊ ۽ ٻن طرفن

ڪان جبلن ڪري هڪ خاص جاگرافيائي حيثيت مليل آهي، پر ان ۾ جدا جدا نسلن جا ماڻهو جهڙوڪ قديم وحشي ماڻهو دراويدي آريا، ڪجهه قدر سماٽ ۽ منگول نسلن آباد ٿي، اِن ۾ تسلط لاءِ جدوجهد ڪري، خلط ٿيڻ جي ڪوشش پئي ڪئي آهي. مٿي ذڪر ڪيل نسلن جا ڪلچر، زبانون، دستور عقيدا مختلف هئا جي گهڻي زماني بعد باهمي ملڻ ڪري ڪجهه قدر ملي جلي، هڪ ٻين ڪان ڪي اثر وني گڏ ٿيڻ جي طرف مائل ٿيندا پي ويا. ان لاءِ حاڪمن جهڙوڪ اشوڪ وڪرماجيت، اڪبر ۽ انگريزن ڪوششون ڪري ڪين متحده ڪرڻ جون ڪوششون پي ڪيون، جي تاريخ جو جزو بنجي، پنهنجا اثر ڇڏي ويا آهن.

قانون فطرت ۾ ٻه رجحان ڪار انداز پي رهيا آهن. هڪ مرڪزي طرف وحدت لاءِ گڏ ڪرڻ جو رجحان هو ٻيو خاص جداگانه نندي خصوصيت طرف راغب ڪرڻ جو رجحان جن گڏي وحدت طرف ڇڪيو ٿي، ٻي جدا ڪري خصوصيت پيدا ڪرڻ لاءِ مائل ٿي ڪيو. سياست ۾ ٻه ائين ٻيو ٿيو آهي ۽ نظرياتي طور ٻه هڪڙن نظرين وحدت طرف ڇڪيو ٿي، ته ٻين خصوصيت طرف فطري رجحان آفاقي حوادث جي ماتحت پي رهيا آهن، سياسي جوڙجڪ اقتصادي، شخصي، طبقاتي مفاد ۽ گذر معاش جي نقط نگاهه جي اثر هيٺ رهيا آهن.

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته حڪومتن مان ڪهڙن هندستان کي گڏڻ لاءِ ڪوششون ڪري پنهنجا آثار ڇڏيا. اهڙي طرح سان مذهبي ۽ نظرياتي اثرن ٻه هڪ طرف گڏڻ طرف رخ رکيو، جهڙي طرح مذهبي پيغامبرن ۽ بزرگن ڪرشن مهاراج وڌائڻ لاءِ اورنگزيب جنگيون ڪري، عارضي ڪاميابي حاصل ڪرڻ بعد مغل شهنشاهيت کي تباهي طرف ڇڪيو.

انگريزي حڪومت ۾ هڪڙن سمجهدار سياستدانن هندستان کي متحد ڪرڻ لاءِ ريلون، هوائي جهاز تعليم عام ايجاد ڪري، متحد ڪرڻ جو طريقه ڪار اختيار ڪيو ته ٻين سامراجي ذهنيت وارن انگريز حڪمرانن ويڙهائي راڄ ڪرڻ جي اصول کي مدنظر رکي هندو ۽ مسلمانن ۾ نفاق پيدا ڪرڻ جي پاليسي پيدا ڪري، پنهنجا ايجنٽ بنائي، هندن ۾ سوامي شر ڌانند، مها سڀا

جماعت جا ڪارڪن، اڇوتن جا ڪي ليڊر وغيره پيدا ڪري، هندو حڪومت جا راڳ ڳارايا.

ٻي طرف سر سيد احمد خان، مسلم ليگ، اقبال، جناح جهڙا ايجنٽ پيدا ڪري، هندستان ڪي ورهائڻ لاءِ ماحول پيدا ڪيو. جنهن ڪري عارضي طرح هندستان ۾ تواريخ جي فطري ۽ نظرياتي اتحاد جي ڪوشش جي خلاف هلائي، ويڙهائي خون خرابي آڻي، ملڪ کي جدا ڪرايو.

ليڪن جنهن صورت ۾ باهمي ڪوششون گڏريل 5 هزار سالن جي تواريخ جي فطري ۽ نظرياتي رجحانن جي خلاف هيون، تنهن ڪري انهن مان فائدي بدران اڪيچار نقصان ٿيا ۽ امڪان آهي، جهڙي طرح دنيا جون سرمائيدار طاقتون پنهنجي مستقل مفاد لاءِ اهل پنجاب ۽ ان جي ايجنٽن کي ڪتب آڻي، ان لاءِ جي حربا استعمال ڪري رهيون آهن، ان ڪري ملڪ ۾ هيٺين خرابين وڌڻ جو امڪان آهي.

1. مذهب جي مخالفت پيدا ٿي دهريت پيدا ٿي.

2. پنجابين طرفان ننڍين قومن جي استحصال لاءِ ڪوشش ڪري علائقائي اختلاف پيدا ٿين.

3. ملڪ ۾ بدامني وڌي.

4. ملڪ اتحاد ۽ ترقي طرف وڌڻ جي عيوض انتشار ۽ غربت ۾ مبتلا ٿئي.

بهتر آهي ته مٿي ذڪر ڪيل خرابين جو مختصر ذڪر ڪري ان جي پيدا ٿيڻ لاءِ دليل ڏيان.

1. مذهب جي مخالفت ڪري دهريت زور وٺي

دنيا هن وقت ٻن رجحانن طرف لڙي رهي آهي، هڪ طرف روحانيت کي ميڄي، حال کان مستقبل طرف ماڻهن جو توجهه ڇڪائي ٿو. ٻيو طرف دهريت طرف ڇڪي روحانيت جو منڪر ڪرائي ٿو.

هتي پاڪستان ۾ ابتدا کان وٺي اسلام جو نالو وٺي، ماڻهن کي ڏوڪو ٻي ڏنو ويو آهي، هتي اسلام جا علمبردار، منڍ ۾ هڪ مسٽر جناح هو ٻيو ڊاڪٽر اقبال، ٻنهي جو قول ۽ فعل هڪجهڙو نه هو. مسٽر جناح سوئر کائيندو هو. شراب پيئندو هو. زنا ڪندو هو.

اسلام جي تعليم مان واقفيت نہ هئس، انگريزن جو دلال هو سامراجي ذهنيت جو ماڻهو هو. نفرت جو پندار هو. هندستان کي تواريخي حقيقن جي برخلاف انگريزن جي اشاري تي ورهاست ڪرايائين. سنڌ جو ڄائل هئڻ ڪري ڪراچي سنڌ کان ڪسيائين، سنڌ جي کهڙي وزارت کي ڊسمس ڪري، هڪ سنڌ دشمن پير الاهي بخش کي وزيراعليٰ ڪيائين. جو اڳتي هلي ٽربيونل جي فتويٰ ڪري وزارت تان ڊسمس ٿي ويو. سنڌ ۾ هندن خلاف فساد ڪرائي هندن جون ملڪيتون ڦرائي انهن کي لڏڻ تي مجبور ڪيائين. سنڌي زبان کي سرڪاري زبان بنائڻ کان انڪار ڪيائين، هندن جو ڇڏيل ملڪيتون سنڌين کي ڏيارڻ جي عيوض سندس مربي مهاجرن کي ڏياريون. ۽ پنهنجي عهدي جو ناجائز فائدو وٺي ٿوري قيمت تي سرڪاري زمين هٿ ڪيائين. جمهوريت جي ڳالهہ ڪري ڊڪٽيٽر وانگر هلڻ لڳو. مخالف سياستدانن کي بنا ڪيس هلائڻ جي جيل ۾ وڌائين، آئون، خان عبدالغفار خان، عبدالصمد خان وغيره انهن مان چند هئاسون. جواري ۽ فرعون صفت هو.

ڊاڪٽر اقبال صحيح اسلامي تعليم کان اڻ واقف. شرابي، رنڊي باز، ڇڪلائي، نفرت جو پندار، پنجابين جو سرپرست، انگريزن جو دلال، راجائن جو نمڪ خوار، اول ۾ انگريزن جي چوڻ تي مسلم ليگ کي بہ ٽڪر ڪرائي، جناح جي مخالفت ڪيائين، هندستان ۾ بہ قومي نظرياتي پرچار ڪ ڪري پنجابي جي ان نظريي ڪري مستفيد ٿيا آهن، سي ڪيس مفڪر اسلام سڏين ٿا. ليڪن حقيقت ۾ مفڪر نفرت هو. شاعر مشرق جي عيوض شاعر عشرت هو. سندس بداخلاقيءَ جو پتو سندس هُهڙي قسم جي شعرن مان پئجي ٿو سگهي.

راوي جي ڪناري تي اچاريل شعر:

بيا دختر ڪہ من ميل تودارم، بت بوسم بہ پستانت تودارم نصاب حسن تو حد ڪمال ست زڪواتم ده ڪي مسڪين واسيرم.

پي جاءِ تي پنهنجي محبوبہ کي علامہ فرمائي صاحب فرمائي ٿو.

تيري نيچي بہ غار سي ڪيا هي،
سچ بتا اسڪي فارسي ڪيا هي،
هاتهہ ٽالني سي ڪچهہ نهين بنتا.

تيري دل ۾ يہ خارسي ڪيا هي
هنس ڪي بولي ڪہ ديکهہ لو اقبال
هاتهہ ڪنگن ڪو آرسي ڪيا هي
اقبال

ٿي جاءِ تي علامہ صاحب فرمائي ٿو.

ديکهي هي جون مين ني پستان يار مين
پيوند فالسي ڪا لگاهي انار مين.

اقبال

هن وقت فوجي حڪومت حڪمران آهي، سا ڳالهہ اسلام جي ڪري ٿي، ليڪن عمل ان جي خلاف اٿس. جنرل ضياءَ الحق حڪومت وٺڻ بعد چيو تہ 90 ڏينهن ۾ چونڊون ڪرائيندو پر اج ست سال گذري ويا آهن. اجا چونڊون نہ ڪرايون ويون آهن. پر جيڪو ارادو چونڊن ڪرڻ جو ڏيکاريو وڃي ٿو سو هڪ قسم جو فارس هوندو. جنهن ڪري پنهنجا هٿ ٺوڪيا ڇاڙتا چونڊايا ويندا.

هاڻ ڪليو ڪلايو چيو وڃي ٿو تہ اسلامي طرز جي حڪومت چونڊائي ويندي. 13 سئو سال دنيا ۾ اسلامي حڪومت برپا ڪانہ ٿي، هاڻ ظالم، غاصب اسلام ڪان اڻ جاڻ، پنجابي سامراج جا مکيہ ڪارڪن سي ٿا اسلامي حڪومت برپا ڪرائين! جناح اسلامي حڪومت برپا ڪئي، هاڻ وري هي ٿا ڪن.

اهي سڀ تاريخي حقيقتن جي خلاف ڳالهيون آهن. ان ڪري صاف ظاهر پيو آهي تہ هاڻ زياده وقت تائين اهو ڏوڪو هلي نہ سگهندو اسلام جو گهٽو نالو وٺڻ ڪري موروگو هي ماڻهن کي اسلام جي نالي کان نفرت پيدا ڪري ڇڏيندا. جنهن جي نتيجي ۾ ماڻهو دهريت طرف مائل ٿيندا.

2. علائقائي اختلاف پيدا ٿيڻ.

هي اسلام جي ڏوکي هيٺ هزارن ورهين جي قومن جهڙوڪ سنڌي، پنجابي، بلوچ ۽ پختون کي ختم ڪري مسلم يا پاڪستاني قوم جو راڳ آلاپين ٿا سا ڳالهہ سراسر ڏوڪو آهي. سنڌ جو مثال وٺو. ان تي مون ڪيترا ڪتاب لکي سنڌ سان ٿيل ظلمن جو ذڪر ڪيو آهي. مختصر طور ان جو ذڪر هيٺ ڪجي ٿو.

1. سنڌ جي هزار ساله تاريخي ملڪ جي وجود کان انڪار ڪري، خود ساخته پاڪستان نالي واري ملڪ ۾ مدغم ڪرڻ.

2. سنڌ جي 5 هزار ورهين جي قومي زبان کي ختم ڪري، ان جي تهذيب ۽ ڪلچر کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

3. سنڌ جي قديم يادگارن کي مٽائي دشمن ملڪ ۽ قوم جا نالا رکي سنڌي تهذيب ۽ تمدن کي مٽائڻ جي ڪوشش ٿي رهي آهي.

4. سنڌ جي آباديءَ کي نوان ماڻهو آڻي تبديل ڪيو ويجي ٿو، ٻي غير سنڌي 5 سيڪڙو هئا، هاڻ 48 سيڪڙو ٿي ويا آهن، جي اها حالت رهي ته ٿوري عرصي اندر هو اقليت ۾ ٿي ويندا.

5. سنڌ جي مقرر ڪيل پاڻيءَ کان سنڌ کي محروم ڪري، ان جي آباديءَ کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

6. سنڌ جي زرعي زمين کي پاڪستان بنجڻ کانپوءِ سٺ لک ايڪڙ زمين کي غير سنڌين جي حوالي ڪيو ويو آهي.

7. سنڌ ۾ ٻن هزارن ڪارخانن مان سنڌين کي پنجاهه ننڍا ڪارخانا مس ڏنا ويا آهن.

8. سنڌ جي ڪارخانن ۾ 20 لک مزدور ڪم ڪن ٿا، تن مان 50 هزار مزدور مس سنڌي رکيا ويا آهن.

9. سنڌي ٻولي سان ماتيجي ماءُ جو برتاءُ اختيار ڪيو ويو آهي.

10. سنڌ مان وصول ڪيل 85 سيڪڙو ٽيڪسن کي مرڪزي سرڪار جي حوالي ڪيو ويو آهي، جنهن مان 5 سيڪڙو به سنڌ تي خرچ نٿو ڪيو وڃي.

11. مرڪزي سرڪار ۾ نوڪريون هڪ هزار تي هڪ نوڪري به سنڌين کي نٿي ڏني وڃي.

12. سنڌ مان نڪتل ڪاٽين کي مرڪزي حڪومت هيٺ رکي ان جي پيدوار مرڪز جي حوالي ڪئي وڃي ٿي، جنهن جي فائدي کان سنڌ کي محروم ڪيو وڃي ٿو.

13. سمنڊ جي مڇي جي پيداوار جو 80 سيڪڙو غير سنڌين جي حوالي ڪيو وڃي ٿو.

14. ٻاهريون واپار سمورو غير سنڌين جي حوالي آهي.

15. بئنڪن تي مرڪزي حڪومت جو تسلط هئڻ ڪري ان جو نفعو سمورو غير سنڌين جي حوالي رهي ٿو ۽ ان سرمائي مان

ڌاريان غير سنڌي فائدو وٺن ٿا.

16. سنڌ جي پيداوار کي سنڌين جي حوالي نه ڪري ان جي مٿان غير سنڌين کي تسلط ڏياريو ويو آهي.

17. ملڪ تي غير پاڪستاني زبان کي قومي زبان بنائي سنڌي زبان کي پوئتي اڇلايو ويو آهي.

18. مرڪزي نوڪرين مان ذري گهٽ سنڌين کي محروم رکيو ويو آهي.

19. سنڌ مان نڪتل ڪاٺين تي سنڌي ماڻهن کي ان مان نفعي حاصل ڪرڻ جو وجهه نه ڏنو ويو آهي.

20. سنڌ جي جملي پيداوار کي غير سنڌين جي نفعي لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

21. مرڪزي سرڪار کي ڇڏي سنڌ جي نوڪرين ۾ 40 سيڪڙو نوڪريون، غير سنڌين جي حوالي ڪيون ويون آهن، جي اها حالت گهڻي وقت تائين رهڻ ڏني وئي ته سنڌي ريڊ انڊين بڻجي ويندا، جا ڳالهه فطري قانون جي خلاف آهي، اها ختم ٿيڻ واري ٿيندي.

رشوت ۽ بدامني ملڪ ۾ وڌي وئي آهي

چيو وڃي ٿو ته پاڪستان اسلامي ملڪ آهي ۽ ان ۾ هر ڳالهه اسلامي اصولن مطابق هلندي، پر سرڪاري ڪوبه ڪاتو نه آهي، جنهن ۾ رشوت نه ورتي ويندي آهي. خود ملٽري عملدار به ان ڪم ۾ رذل آهن. مکيه ڪاتا پنهنجي رٽائرڊ ٿيل يا ٻين عملدارن جي هٿ ۾ رکيا اٿن، پيا سرڪاري نوڪر ڏسن ٿا ته جڏهن خود اسلام جا علمبردار سڏائيندڙ ۽ اسلامي شريعت موجب عدل ڪرڻ جا دعويدار به ناجائز ڪم پيا ڪن ته ٻين عملدارن کي ڪهڙي مصيبت پئي آهي جو هو هيڏي مهانگائي جي حالت ۾ جڏهن سندن اولاد کي نوڪرين ملڻ جا رستا بند ٿي رهيا آهن ۽ نوڪرين تي يقين نه اٿن ته اهي ايماندارانه راهه اختيار ڪن.

اسمگلنگ جو ڪاروبار عام جام چالو آهي، نوڪريون پنجابي ۽ مهاجرن خاطر سنڌين لاءِ بند ٿي ويون آهن. ڪاليجن ۾ جدا راءِ رکندڙن کي رسٽيڪيٽ ڪيو پيو وڃي. شاگردن کي گولين سان مارايو پيو وڃي.

رستا بدامني جي ڪري سلامت نہ آهن. اغوا جا ڪيس ۽ ڌاڙا عام جام آهن. پوليس ۽ ملٽري وارا باوجود ڪوشش جي، ان مرض کي بند نہ ڪري سگهيا آهن. سرڪار ٻيلن جون ڪاٺيون نيلام ڪري ٿي، ڍنڍن ۽ دريائن جا مقاطعا ماڻهن کي نيلام ڪري ٿي پر سواءِ ڌاڙيلن ۽ چورن کي حصي ڏيڻ جي ڪو ڪاروبار هلي نہ ٿو سگهي.

مقاطعيدار سرڪار کي حصو الڳ ڏين، چورن ۽ ڌاڙيلن جي آنڪي جدا ڀرين، ڪوئلي جي کاڻين جا ماڻهو اغوا ڪري انهن کان پئسا ورتا وڃن ٿا.

هڪڙن ڪوئلن جي کاڻن وارن مون سان ڳالھ ڪئي تہ ڌاڙيل چون ٿا، اوهان کي ڪم ڪرڻ نہ ڏينداسون، جيسين تائين اسان کي ڀتي نہ ڏيندا.

ننڍن ڳوٺن ۽ رستن تي تہ امن نہ رهيو آهي، پر حيدرآباد نوابشاهہ، دادو جهڙن ضلع هيڊڪوارٽرن ۽ سيشن ڪورٽن ۽ جيلن مان بہ زوري ماڻهو اغوا ڪريو وڃن.

ماڻهن ۾ اتحاد آڻڻ لاءِ الله، رسول، قرآن، اسلام جي نالن ۾ متحده رهڻ جي تلقين ڪئي وڃي ٿي، ليڪن جڏهن سنڌ جا رهاڪو ڏسن ٿا تہ اهي ساڳيا اسلام جي نالي ۾ ڪين هدايت ڪندڙ سندن ٽيڪس، نوڪريون زمينون واپار، ڪارخانا هضم ڪري سندن آبادي کي غير متوازن بنائي رهيا آهن تہ ڪهڙي طرح انهن جي ڳالھ تي اعتبار ڪندا. قران ۾ آهي ”اهو چئو نہ جو ڪري نہ سگهو.“

هي چون هڪڙي ڳالھ ڪن ٻي ڳالھ، عدليہ ڪورٽون بيڪار آهن، آئين تقريبن معطل ٿيو پيو آهي. امن جا قائم رکڻ وارا خود بدامني جا باعث بڻجي رهيا آهن.

سنڌ جي حقن جي لاءِ لکندڙ اخبارن ۽ ڪتابن تي بندش آهي، ليڪن دهريت ۽ ڪميونزم جي ڪتابن جو عام جام وڪرو ٿي رهيو آهي.

باب ٽيون
پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد پهتل نقصان

پاڪستان بنجڻ کان اڳ اسان کي گهڻيون اميدون هيون، (1) سنڌ سرسبز ٿي ويندي، (2) غريب هارين کي زمينون ملنديون، (3) قرض معاف ٿي ويندا، ترقيءَ لاءِ پئسا ملندا، (4) تعليم عام ٿيندي، (5) روزگار جا ذريعا ڪشادا ٿي ويندا ، (6) ڪاڌي جون شيون جام ۽ سستيون ٿينديون، (7) ڳوٺن ۾ صاف پاڻي پيئڻ جو انتظام ٿي ويندو، (8) ڪامورن جا ظلم ۽ رشوتون ختم ٿي وينديون، (9) اعليٰ تعليم لاءِ ادارا کلندا، ماڻهن جي سمجهه ۾ واڌارو ايندو، (10) ملڪ ۾ صوفين جي تعليم مطابق محبت ۽ ميلاپ پيدا ٿي ويندو، (11) رستا عام جام ۽ سٺا نهي آمدرفت جا ذريعا سهولت وارا ٿي ويندا، (12) ملڪ ۾ آبادي لاءِ پاڻي جام ٿي ويندو جنهن تي طرح طرح جا فصل پيدا ٿي اناج ۽ بين قسمن جون پوکون پيدا ٿينديون ملڪ سرسبز ٿي پوندو، (13) ڪارخانا جام نڪري پوندا، جنهن ڪري ملڪ شاهوڪار ٿي پوندو، (14) روزگار جا ذريعا وڌي ويندا، (15) سنڌ جو ڪلچر تهذيب ۽ تمدن زور وٺندو، (16) ڌارين جي استحصال کان عوام آزاد ٿيندا، (17) مويشين جي پيدائش ۾ واڌارو ٿيندو، (18) ٻاجين ۽ باغات جي پيداوار زياده ٿيندي، (19) ڳوٺن جي تعمير ۽ ترقي لاءِ ڪوشش ٿيندي، (20) ڌارين جي آمدرفت تي بندش پوندي، (21) سنڌين کي اندرون ملڪ مڪمل آزادي هوندي، (23) مرڪزي نوڪرين ۾ ٽيڪس آهر نوڪريون سنڌين کي ڏنيون وينديون.

مٿي ذڪر ڪيل اميدن جو ڇا حشر ٿيو ان جو ذڪر مختصر هيٺ ڏيان ٿو.

(1) سنڌ سرسبز ٿيندي

سبزي پاڻي جي فراواني ڪري پيدا ٿيندي آهي، خدا جو شان جو هڪ طرف سنڌ ۾ بارش گهٽ پوڻ لڳي، ٻي طرف پاڻي پنجاب مٿان روڪي ڇڏيو جيڪي، بيراج سنڌ پنهنجي خرچ تي ٺاهيا هئا، ان تي نڪتل زمينون پنجاب جي آبادگارن کي ڏياريون ويون. ٻيون ملٽري وارن کي ڏنيون ويون. هندن جون ڇڏيل زمينون جي هنن مسلمانن آبادگارن کان قرض ۽ وياج ۾ حاصل ڪيون

هيون، سي مهاجرن کي ڏياريون ويون. هارين کي ٿوري زمين پٽي جي ڏينهن ۾ ملي، ليڪن انهن لاءِ پاڻيءَ جو انتظام نه هئڻ ڪري هو فائدو وٺي نه سگهيا.

پاهران آبادگار گهرائي ڪوٽڙي بئراج، مکيه ڊئم، گدو بيراج تي آباد ڪرايا ويا. پاڪستان بنجڻ کان اڳ سنڌ ۾ 5 سيڪڙو پاهريان ماڻهو آباد هئا، هاڻ انهن جو تعداد وڌي 48 سيڪڙو ٿيو آهي. پنجاب جا مکيه عملدار ظاهر چئي رهيا آهن ته ڪين سنڌ جي زمين کپي، ماڻهو هو پنهنجا آڻائيندا.

سنڌ ۾ زمين تي ماڻهن جي آباديءَ جو بوجهه پاڪستان کان اڳ 85 ماڻهو في ميل هو، هاڻ هنن اهڙي پاليسي اختيار ڪئي آهي ۽ اها حالت رهي ته سنڌي ٿوري وقت اندر اقليت ۾ اچي ويندا.

هن وقت 350 ماڻهو في ميل زمين تي بوجهه آهي، ليڪن پنجاب ۾ 700 ماڻهو في ميل تي بوجهه هئڻ ۾ ذريع پيداوار سنڌ کان گهٽ هئڻ ڪري هنن لاءِ پيو رستو ئي ڪونه بچيو آهي ته زياده ماڻهو پنجاب مان لڏائي سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪن.

هڪڙا ماڻهو پاهران ڪاٽين ڪوٽڻ جي بهاني سان آندا وڃن ٿا، ٻيا آباديءَ لاءِ، ٽيان ڪارخانن ۾ مزدورن طور آندا وڃن ٿا. ازانسواءِ مرڪزي نوڪرين، واپار، مڇيءَ جي واپار آمدرفت جي ذريعن لاءِ موٽر ۽ بسون ڌارين جي حوالي ۾ ڏنيون وڃن ٿيون.

اهي حالتون آهن، جي سنڌ جي پيداوار تي بوجهو بنجي اصل رهاڪن جي زندگيءَ کي نقصان پهچائي رهيون آهن. پنجاب کي بند ٻڌائي، ڪجهه بجلي جي بهاني ڪجهه تن پارت کي وکرو کيل ندين جي پاڻيءَ جي بهاني، ڪجهه پنجاب جي ڪپهه، ڪٽڪ، ڪمند، چانورن جي پوک وڌائڻ، خاطر پنجاب کي اول پاڻيءَ ميسر ڪيو ويو ٿو نتيجوا هو نڪري ٿو ته گهڻي پاڻي هئڻ ڪري پنجاب ۾ سم ۽ ٿور پيدا ٿي زمين خراب ٿيندي وڃي، پر پاڻي گهٽائڻ جي عيوض ڪروڙها روپيا خرچ ڪري سم ۽ ٿور کي گهٽائڻ لاءِ انتظام ڪيو وڃي ٿو.

سنڌ کي پاڻيءَ ڏيڻ جي اميد ختم ٿي رهي آهي، ٿرن ۽ برن

ڪي سڌارڻ بعد زمين وڌائڻ بيلن پوکائڻ لاءِ ڪجهه به نه ٿو ڪيو وڃي.

2. غريب بي زمين هارين کي زمينون ملنديون

هارين کي زمين ملڻ جي اميد به پوري نه ٿي،. سنڌ ۾ آبادي تي گذران ڪندڙ ماڻهو 70 سيڪڙو هئا. سنڌ جي جملي لائق آباد زمين (221) لک، به ڪروڙ ايڪيهه لک ايڪڙ هئي، جيڪڏهن اها جملي زمين هارين ۾، جي 70 لک هئا ورهائجي ها ته تي ايڪڙ في ماڻهو وڃي ٿئي ها. هر ڪٽنب ۾ 5 ماڻهو شمار ڪجن ته 5 ايڪڙ في ڪس زمين ورهاست ۾ ملي ها. جملي زمين هڪجهڙي ڪانه هئي، ڪا براجن تي هئي ته ڪا باراني تي، ٿوري جبلن ۾ هئي، ڪا درياهيءَ واهن تي، ڪا زمين پلي هئي ته ڪا ڪلرائي ۽ چوٿين درجي جي وارياسي هئي.

ازانسواءِ سموري زمين لاءِ پاڻي ميسر ٿي نٿي سگهيو جيڪو پاڻي سنڌ ۽ پنجاب ۾ عهد نامي موجب ملڻو هو ان کي ون يونٽ بنائي ختم ڪيو ويو.

سنڌ کي ملڻ واري پاڻي جو ٽيون حصو پاڻي به سنڌ کي نٿو ڏنو وڃي.

بارش تي آباد ٿيندڙ زمين کي آباد ڪرائڻ لاءِ سنڌ سرڪار طرفان جي پراجيڪٽ رٿيا ويا هئا. جي سنڌ سرڪار پنهنجي خرچ تي نهرائڻ واري هئي، اهي پئسا به پنجاب ون يونٽ بنائي ڪٽي ويو ۽ پراجيڪٽ ختم ڪيا ويا. سمنڊ جي طرف زمين وڌائڻ، ٿرن جي زمين سڌارڻ لاءِ جي تجويزون هيون، تن کي خاڪ ۾ ملايو ويو.

ترقي يافته ملڪن آباديءَ جو 30 ڪن سيڪڙو زراعت تي رکيو آهي. باقي ماڻهن ڪارخانن، ڪاٽين، واپار، خانگي ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ سيڙائيا آهن. پر هتي اها حالت ٿي آهي ته ڪارخانن ۾ 97 سيڪڙو ماڻهو باهران آندا ويا آهن. ڪاٽين ۾ به ساڳي حالت آهي.

باهرين يا ٻڌي واپار کي جملي غير سنڌين جي حوالي ۾ ڏنو ويو آهي، واپار وغيره جا مرڪز وڏا شهر آهن. تن ۾ خانگي نوڪريون ڏاريان شاهوڪار باهرين کي ڏين ٿا. مرڪزي سرڪار کي جيتوڻيڪ 85 سيڪڙي ڪان مٿي ٽيڪس سنڌ مان وصول ٿا ٿين،

ليڪن مرڪزي سرڪار ۾ هڪ هزار تي هڪ ماڻهو سنڌ جو نوڪريءَ ۾ نٿو رکيو وڃي.

سنڌ جي صوبائي نوڪرين ۾ 40 سيڪڙو نوڪريون غير سنڌين جي حوالي آهن. شهري آباديءَ جي رهاڪن جو ساليانه في کس آمدني هڪ هزار هئي ته ڳوٺاڻن ماڻهن جي في کس آمدني 50 روپيه هئي.

هاڻ پڙهندڙ اندازو ڪري ڏسن ته شهري ماڻهن کي تعليم، تندرستي، پاڻي، حفاظت، معاشي زندگي جون سهوليتون ميسر هيون، ٻاهران آيل ماڻهن جي اڪثريت شهرن ۾ رهي ٿي، اصل سنڌي ڳوٺن ۾ رهن ٿا. ان جو مطلب اهو ٿئي ٿو سنڌ جو ماڻهو ڏينهون ڏينهن غريب ٿيندو وڃي، ٻاهران آيل ماڻهو سکيا ستابا ٿي رهيا آهن. ٻاهران مان آيل ماڻهن کي گهر اڏائي آباد ڪيو وڃي ٿو. ڳوٺاڻن مان اڃان 30 سيڪڙو خانه بدوش زندگي گذاري رهيا آهن.

3. غريبن تان قرض معاف ٿي ويندا ۽ ترقيءَ جي ڪمن لاءِ پئسا ملندا

سنڌ اسيمبليءَ ۾ مون قرض گهٽائڻ جو بل پيش ڪيو هو سو پاس ٿي نه سگهيو پر هندن جي وڃڻ ڪري انهن جا قرض از خود ختم ٿي ويا، سنڌ بئراجن جا قرض اڳ لاءِ ڇڏي ويا هئا. بلڪ ڪي پئسا بچيل هئا جن مان ڪوٽڙي بئراج ٺهرايا ويا ۽ جبلن تي بارش جي پاڻي کي بند ڪري، آباديءَ لاءِ پراجيڪٽ ٺهرائڻ لاءِ اسڪيمون ٺاهيون ويون هيون، تن کي ون يونٽ ٺاهي 33 ڪروڙ روپيا پنجاب جي مرڪزي حڪومت کي ڏنا ويا.

ٻي تجويز سمنڊ جي طرف زمين وڌائڻ، ته ۾ زمين هموار ڪري آبادي لائق بنائڻ جي هئي ۽ لاڙ ۾ ڪلر واري زمين کي سڌارڻ جي هئي. ان لاءِ ٻاهرين ملڪن کان قرض ڪڍڻ جي ضرورت هئي، پر جناح صاحب پاڪستان جو آئين اهڙو رکڻ جي ڪوشش ڪئي، جو اهو ڪاتو مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ رهيو. جنهن ڪري ان طرف توجهه نه ڏنو ويو بلڪ وڏيڪ گهربل پئسا پنجاب ۾ بندن ۽ بيراجن پڌائڻ لاءِ صرف ڪرڻ پين ڪارخانا کولڻ لاءِ اجازت ڏيڻ به مرڪزي

سرڪار جي هٿ ۾ هئي، جنهن سموري اجازت ٻاهريان آيل واپارين ۽ ڪارخانيدارن کي ڏيڻ شروع ڪئي، بئنڪن ۽ سرڪاري قرض کي معاف ڪرڻ بدران زوريءَ آبادگارن کان وصول ڪرايا ويا.

بئنڪون مرڪزي حڪومت جي ماتحت هيون، جاين ٺهرائڻ، واپار ڪرڻ، ڪارخانا کولڻ، مڇي مارڻ لاءِ ٽريلر خريد ڪرڻ وغيره لاءِ پئسا به ٻاهرين ايل ماڻهن کي ڏنا ويا. سنڌين ڇڻ ته ڏوهه ڪيو هو جو پاڪستان ٺهرائڻ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪرايا هئائون، انهن کي بئنڪن کان پئسا ڪونه مليا.

سنڌ بمبئي کان جدا ٿيڻ بعد زوريءَ مفت تعليم، اسپتالون ڪاليج، يونيورسٽيون وغيره کولڻ لاءِ سنڌ وارن سان بسال ان طرف خرچ ڪرڻ شروع ڪيو. پر ون يونٽ بنائي انهن سيني اسڪيمن تي پاڻي ڦيرايو ويو. ٻاهرين واپار لاءِ پرمنٽون ۽ پئسا ڇاڪاڻ ته اهو ڪاتو مرڪزي سرڪار جي هٿ ۾ هو ۽ مرڪزي سرڪار مهاجر ۽ پنجابي آفيسرن سان ڀري پئي هئي. انهن پنهن کي ورسائڻ تي خرچ ڪرڻ شروع ڪيو.

رستا ٺهرائڻ لاءِ تجويزن رد ڪري، صرف انگريزن جي جنگ واري زماني ۾ پنجاب ۽ سنڌ کي گڏجڻ ۽ ڪراچي جي ڪاهي طرف کي رستا ٺهرايا ويا، باقي اسڪيمون ردي ٽوڪري ۾ اڇلايون ويون.

شاهه بندر طرف ريلوي جو ڪم بند ڪيو ويو. ڳوٺن ۾ پاڻي پيئڻ ۽ ڳوٺن کي بڏائڻ، خانه بدوشي کي ختم ڪرڻ وغيره واريون تجويزن رد ڪيون ويون.

سنڌ جي نالي وٺڻ کي علائقائي ذهنيت ۽ اسلام جي خلاف سڏي ممنوع بنايو ويو. هندن کي تنگ ڪري لڏائڻ انهن جي ملڪيت مهاجرن کي ڏياري ويئي.

4. تعليم کي عام ڪيو ويندو.

سنڌ ۾ خواندگيءَ جي شرح تمام گهٽ هئي، ان جا ڪيئي ڪارڻ هئا، هڪ ته سنڌ بمبئي سان گڏجڻ ڪري تعليم طرف توجهه ڪونه تي ڏنو ويو، ٻيو نه سنڌ جي آبادي 50 سيڪڙو ڇڙوڇڙ گهرن ۽ خانه بدوش ماڻهن تي مشتمل هئي، شهري آبادي گهٽ هئي، سنڌ

بمبئي کان جدا ٿيڻ بعد، جڏهن سنڌين سنڌ ترقي طرف ڏيان ڏنو.

پهرين هنن زوريءَ مفت تعليم طرف توجهه ڪيو ثانوي تعليم لاءِ هر سال هر هڪ ضلع ۾، هن تعلقه ۾ هڪ هاءِ اسڪول، هر هڪ ضلع ۾ ڪاليج ۽ سنڌ ۾ يونيورسٽي برپا ڪرڻ جي تجويز تيار ڪئي، پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ، هندن جا سنڌن خانگي خرچ تيار ڪيل تعليمي ادارا ۽ انهن جون عمارتون مهاجرن ڪي سنڌن ايجنٽن جناح ۽ لياقت علي قبضي ۾ ڏياريا، ڪراچي سنڌ کان ڪسڻ بعد اتي جا سڀ تعليمي ادارا مرڪزي حڪومت جي هٿ ۾ هليا ويا. يونيورسٽي ڪراچيءَ جي عيوض حيدرآباد آڻٽي پئي، ڪاليج، هاءِ اسڪول ڪراچي مرڪزي شهر هئڻ ڪري جي اتي گهٽا هئا، سي نهيا تڪيا، مرڪزي حڪومت جي معرفت مهاجرن جي قبضي هيٺ آيا.

سنڌ جي زبان سرڪاري طرح سنڌي هئي، ويندي هاءِ ڪورٽ تائين، تنهن کي بدلائي اردو کي ڪراچيءَ ۾ ذريعي تعليم بنايو ويو. سنڌيءَ کي خارج ڪيو ويو. يونيورسٽي ۽ ڪاليجن ۾ سنڌيءَ عيوض اردوءَ کي رائج ڪيو ويو.

ڪهڙي مرڪزي حڪومت سان سنڌ جي حقن خاص ڪري هندن جي ڇڏيل ملڪيت ۽ ڪراچيءَ شهر تان مخالفت ڪئي ته ان کي ڪيڏي ان جي جاءِ تي هڪ خسيس ماڻهو پير الاهي بخش کي خريد ڪري ان کان ڪيترا برا ڪم ڪرايا ويا. جن مان سنڌ ۾ زوريءَ ابتدائي تعليم اردو کي ڪرڻ، ڪراچي مرڪز کي ڏيڻ، هزارها ايڪڙ زمين مهاجرن کي هنن ڏني انهن کي سرڪاري مدد سان ڪالونيون بنائي ڏياريون.

پهرين اهو دلاسو ڏنو ويو هو ته ڪراچيءَ جي عيوض سنڌ کي پنهنجي هيڊڪوارٽر يا صوبائي مرڪز شهر ۾ عمارتن ناهڻ لاءِ مرڪز طرفان معاوضو ڏنو ويندو پر اڳتي هلي ان کان انڪار ڪيو ويو چي فتح ڪيل ملڪن جو معاوضو ڪونه ٿيندو آهي.

هي جا بدعت جناح ۽ ان جي دلالن سنڌ ۾ رائج ڪئي سا اها هئي ته اقتدار جي بکين سنڌين کي خريد ڪري نوازڻ جي روش

اختيار ڪئي وئي، جيئن تہ اجا سنڌين ۾ مجموعي مفاد جي لاءِ ڪرڻ جو شعور ۽ خواهش پيدا ڪانہ ٿي هئي. ان ڪري وقت بوقت وزارتون بدلائي انهن کان برا ڪم ڪرايا ٿي ويا. سنڌي ٻولي، سنڌي ادبي بورڊ، شاهہ لطيف ڪلچرل ادارا وغيره کي پنهنجي دلالن جي هٿ هيٺ رکي، سنڌي زبان، تعليم ۽ ڪلچر کي ڪاپاري ڌڪ هنيو ويو.

5. روزگار جا ذريعا وڃڻ

سنڌ پنتي پيل ملڪ هئڻ جي حالت ۾ ماڻهن جو گذر، پوک، مال چارڻ، مڇي مارڻ ۽ نوڪرين تي هوندو هو. قوي اميد هئي تہ سنڌ بمبئي کان جدا ٿيڻ بعد وڏيڪ واهہ کوٽجي، آبادي وڌندي، ڪارخانا کلندا، مال جي چاري ۽ افزائش لاءِ انتظام ٿيندا. نوڪريون خانگي يا سرڪاري وڌنديون واپار لاءِ راهہ هموار ٿيندي. ڪاٽيون کوٽبيون، مڇي مارڻ لاءِ ٽريلر ۽ ٻيا انتظام ٿيندا، رستا عام جام ٺهندا، انهن تي بسون هلنديون، ريلوي لائينون وڏيڪ ٿينديون، اسڪول کلندا، اسپتالون برپا ٿينديون، ليڪن خدا جي مار پوي پنجابي ۽ مهاجرن تي جن سڀ شيءِ تي اچي قبضو ڪيو. مرڪزي حڪومت جون نوڪريون تہ جناح لياقت علي ۽ پنجابي ڪامورن جي معرفت پنجابي ۽ مهاجرن جي حوالي ٿيون. ٽيڪس سنڌ ڏنا تي فائدو ٻين ورتو ٿي، واهہ کوٽيا پر زمين ملٽري وارن ۽ پنجابين کي ملي.

ٻہ هزار کن ڪارخانا سنڌ ۾ کليا پر اهي گهڻو ڪري غير سنڌين جي حوالي ٿيا، انهن ۾ 20 لک مزدور بہ غير سنڌي رکيا ويا.

60 لک ايڪڙ زمين غير سنڌين کي ملي جن هاري بہ ٻاهران گهرائي رکيا.

مڇي مارڻ لاءِ ٽريلرن واسطي قرض اڪثري غير سنڌين کي ڏنا ويا.

ٻڌو واپار، مال جي آمدني ۽ روانگيءَ جو ڪم بہ غير سنڌين جي حوالي ٿيو جن ان ۾ نوڪر بہ غير سنڌي رکيا.

ڪاٺين جا ٺيڪا اڪثري غير سنڌين جي حوالي ٿيا پر ان ۾ مزدور بہ ٻاهران گهرائي رکيا ويا. رستن جي ٽرانسپورٽ جو اڪثر ڪاروبار غير سنڌين جي حوالي ٿيو انهن ۾ نوڪر بہ ٻاهران گهرائي

رکيا.

لشڪر ۾ ته هزار تي هڪ ماڻهو به سنڌي نه آهي.

مرڪزي نوڪريون: ريلوي، هوائي جهازن ۽ واپڊا P.I.D.C, P.I.C.I.C ۾ نوڪريون غير سنڌين جي حوالي ٿيون.

خارجيه معاملات جي کاتي ۾ به سنڌي اتي ۾ لوڻ برابر به نه آهن. جيڪڏهن سنڌي انهيءَ روش تي اعتراض ڪن ٿا ته کين علائقائي ذهنيت رکندڙ ۽ اسلام دشمن سڏيو وڃي ٿو. اقبال ۽ جناح جهڙن بداخلاق، انگريزن جي دلالن، سامراجين جي ايجنٽن کي اسلام جي علمبردار ڪٺي ٻڌايو ويو اٿن. جناح جي قبر تي 5 ڪروڙ رپيين کان به مٿي خرچ ڪيو ويو آهي سو به سنڌ جي پئسن مان! اهڙي ڪافر نما مسلمان کي طرح طرح جا لقب ڏئي معتبر ٻڌايو وڃي ٿو. چاڪاڻ جو انهن جي پاليسي مان مهاجر ۽ پنجابين کي فائدو مليو ٿو.

سنڌ ۾ بيروزگاري روز افروز وڌندي وڃي ٿي، ويندي پٽيوالن تائين غير سنڌي رکيا وڃن ٿا. لشڪر، بحري، پيدل، هوائي جهازن ۾ غير سنڌي رکيا وڃن ٿا.

سنڌي پاڪستان مان اهڙو تنگ ٿي پيا آهن جو رات ڏينهن دعائون گهري رهيا آهن يا خدا پاڪستان جي پاڙ پٽ، صفحهِ هستي تان مٽائيننس. رڳو سن جي ڳوٺ ۾ 70 سنڌي ميٽرڪ پاس ڪيو مٽيءَ جي مزدوري پيا ڪن!

ڪاليج ۽ يونيورسٽيون جي گهڻو وقت بند رهن ٿيا جو ان ۾ عملدار به سنڌين جا دشمن رکيا وڃن ٿا.

6. کاڌي خوراڪ جون شيون سستيون ٿينديون

کاڌي خوراڪ لاءِ گوشت، مڇي، ڀاڄيون، ميوات، اناج، داليون گهربل ٿين ٿيون، سنڌ جي آباديءَ 47 لک ڪن هئي، جن ۾ ڪي هندو هئا جي ماس مڇي ڪونه ورتائيندا هئا، ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ماني ۽ کير، ڏڌ تي گذران ڪندا هئا. اناج ۽ داليون سنڌين لاءِ جام هيون، پر پاڪستان جي پنجوڙ ۾ قاسڻ ڪري تعداد ماڻهن جو وڌي وڃي به ڪروڙ ٿيو آهي. شهري ماڻهو مڇي ۽ گوشت تي گذران ڪن ٿا، ان ڪري اهي مهانگا ٿي ويا آهن، غريب ڳوٺاڻا کائي نٿا سگهن.

گوشت جي کپت ڪري مال وڃي ٿو گهٽبو. ان ڪري ڪير ڳوناڻن لاءِ بہ پورو ميسر نٿو ٿئي، چانهہ جو دستور عام ٿيڻ ڪري ماڻهو کير ڪپايو ٿا ڇڏين. ميوات اڳئي سنڌ ۾ گهٽ هئي، هاڻ ڪجهہ ٿي آهي تہ شهر ۾ عرب ملڪ ڇڪيو وڃن.

سنڌين وٽ پئسو پورو نہ آهي جو خريد ڪري سگهن. پاڇين جو دستور بہ ڳوٺن ۾ گهٽ آهي. شهر انهن کي ڇڪ ڪن ٿا. اگهہ مهانگا ٿي ويا آهن. ڳوٺن جي تعمير نہ ٿي سگهي آهي. سمورو پئسو شهرن جي اڏڻ ۾ مهاجرن جي آبادڪاري تي خرچ ڪيو وڃي ٿو. ملٽري وڏي وڃڻ ڪري ان جي هٿيارن ۾ تعميرات تي بہ گهڻو خرچ ٿيو وڃي. ڳوناڻن جي کاڌي خوراڪ جو مدار پيدائش تي آهي. مٿي ٻڌائي آيو آهيان تہ شهرن جي ڪمائي هڪ هزار ساليانہ في ڪس ٿئي ٿي، ڳوناڻن جي 50 روپيہ ساليانہ في ڪس ٿئي ٿي، ان مان اندازو لڳائي سگهندا تہ ڳوناڻا ڪمائي آهر خرچ ڪري سگهندا. ڪپڙا، جتيون، ٻيڙيون، چالن تي گهڻو خرچ ٿئي ٿو تنهن ڪري ” آٽين ۾ چاڙهين ڏڏ ڏيهاڻي سومرا“ وارو حال سنڌ جي ڳوناڻن جو وڃي ٿيو آهي. اڳي ڪپڙا زالون سبنديون هيون، اتو اهي پيهنديون هيون، ڪپڙا بہ اهي ڏوئينديون هيون هاڻ ڪپڙن جو سبڻ درزين جي حوالي ٿيو آهي تہ اٽو مشين تان پيهايو وڃي ٿو ڪي گهر جا ڪپڙا بہ ڏوبين کان ڌئارين ٿا. اهڙي حالت هيٺ ڳوناڻن جي حالت، پاڪستان بنجڻ ڪري زياده زبون ٿي رهي آهي، ويتر جو لکن جي تعداد ۾ ٻاهران ماڻهو اچي گذر معاش جي ذريعن تي قابض ٿيڻ لڳا آهن. نوڪريون گهٽ ٿيون ملن تن سنڌين جي حالت زار ڪري ڇڏي آهي. اگهہ شين جا وڌي ويا گوشت اڳي بہ روپيا سير وڪامندو هو. هاڻ 26 روپيہ سير وڪامي ٿو داليون 2 آنن ۾ سير ملنديون هيون هاڻ 10 روپيہ سير وڪامن ٿيون. ميوات ڳوناڻن جي کائڻ کان مٿي ويئي. 2 روپيہ ڪٽڪ ۾ جوئر جو مڻ هو 80 روپيہ وڃي ٿيو آهي، کير اڳي 8 آنہ سير هو هاڻ 5 روپيہ سير وڪامي ٿو. ڪپڙا مفت ۾ گهران سبجي ملندا هئا. هاڻ 80 روپيہ وڳو سبجي ٿو جتيون ۾ بوٽ 70_80 روپيہ وڃي لڳا آهن، اٽو زالون مفت ۾ پيهنديون هيون. هاڻ 21_2 روپيہ مڻ مسين

تان پيهجي ملي ٿو. هيڙين، چانهه نشي وغيره جي عادت عام جام ٿي ويئي آهي، ان ڪري اهي ڳالهيون به ماڻهن جي معاشي زندگيءَ تي بوجهه بنجي پيون آهن. بيروزگاري جام آهي، جو ٻاهرين ماڻهو مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن تي ڌارين جو اثر هئڻ ڪري ان تي قابض ٿيندا وڃن.

آمدرفت جا رستا ڪلڻ ڪري بسون ۽ موٽرون جام آهن. ماڻهو ٻه ميل به پنڌ ڪرڻ کان ڪيٻائين ٿا. اهو به خرچ وڌندو وڃي. بسن جا ڀاڙا تيل مهانگي ٿيڻ ۽ موٽرون ۽ بسن جي قيمت ۾ واڌاري ڪري وڃي چوٽ چڙهيا آهن.

7. ڳوٺن ۾ صاف پاڻي ۽ سٺڙي پاڻي ملڻ جو انتظام ٿيندو

ٻهراڙي ۾ پيئڻ جو صاف ۽ سٺرو پاڻي ڪونه هوندو هو. ڪٿي ڍنڍين، ڍبن، ڪارن کوهن، واهن ۽ سم جو پاڻي هوندو هو. لوڪل بورڊ طرفان کوهن کوٽائڻ جو انتظام ٿيو پر اڌورو ٿيو.ا ڪثر زالون ميلن جي پنڌ تان مٽي تي دلن، ڪلين پخالن ۾ گڏهن ۽ ڏڳن تان پاڻي آڻينديون هيون. گهڻي وقت کان ان جي سڌارڻ جي ڪوشش ٿي پر خاطر خواه انتظام ٿي نه سگهيو ۽ اميد هئي ته بمبئي کان سنڌ جدا ٿيڻ تي سنڌ واري حڪومت انتظام ڪندي پر پنجابين سنڌ کي گهڻي وقت تائين جدا هلڻ نه ڏنو ۽ ون يونٽ ٺاهي رٿيل اسڪيمون خاڪ ۾ ملائي ڇڏيون.

هاڻ ڪجهه انتظام ٿيڻ شروع ٿيو آهي پر سنڌ جي ڳوٺن جي ڏهين حصي مس جو انتظام ٿي سگهيو آهي، چونڊيل لوڪل بورڊ ختم ڪيا ويا، اسيمبليون به ڍائيون ويون. سڀ ڪم ملٽري جي حوالي سان ٿيڻ شروع ٿيو. آخر اهي ڪيترن مشڪلاتن کي منهن ڏئي سگهيا ٿي. پاڻي پيئڻ ۽ ڪاري کوهن کي مٽي ڪرڻ جو مسئلو اجا رهيو پيو آهي. هاڻ يونين ڪائونسلون، ڊسٽرڪٽ ڪائونسلون برپا ٿيون آهن، تن جو انتظام ۽ انهن تي نظرداري ٿوري آهي، فنڊ پورا ڪونه اٿن، رشوت ۽ ٻيون خرابيون عام جام آهن. نظرداري ڪامورن جي هٿ ۾ رهي ٿي انهن کي گهٽا ڪم آهن.

عدالتي معاملا ملڪي انتظام، روينيو يونين ڪائونسلن ۾

بوردن ڪي ملٽري جي نظرداريءَ هيٺ رکيو ويو آهي، جي ملڪي معاملن کان فوري طرح واقف نہ آهن. انهن ۾ بہ رشوت کاهي پئي آهي. ذهنيت نهايت آمرانہ اٿن. انهيءَ ڪري ڪو سڌارو ٿي نٿو سگهي. پيئڻ جو پاڻي صفا ڪري آباديءَ لاءِ مٺو پاڻي ڪرڻ جو ڪم رهيو پيو آهي.

سنڌ هن وقت پنجاب جي ڪالوني طور ڪٽب اچي رهي آهي. داد فرياد سڻڻ وارو ڪونہ آهي، سنڌي ڪامورن ۾ بزدلي ڪاهجي پئي آهي، ڪين نوڪريءَ ۾ سلامتي جو يقين نہ آهي. ان ڪري جيڪو وقت آهن تہ اڪثر رشوت خوري جام ٿي پئي آهي. مٿان نظرداري ڪجهہ وقت لاءِ چونڊيل ميمبرن جي معرفت وزيرن جي هٿ ۾ هوندي هئي پر اهي ميمبر ۽ وزير خود مطلب ۽ اقتدار جا بکيا پر اپڪاري جذبي کان خالي هئا. انهن جي عيبن کان واقف ٿي سامراجي پنجابين انهن کي ڪڍي مارشل لا ملڪ سان لڳائي ڪم هلائڻ شروع ڪيو آهي. انڌي گهوڙي ڪل وارو معاملو ٿي پيو آهي، پنجابين جي دماغ ۾ اهڙي فرعونيت ويٺل آهي، جو ٻي ڪنهن جي دماغ ۾ اهڙي فرعونيت ويٺل آهي، جو ٻي ڪنهن جي مشوري جي ضرورت محسوس نٿا ڪن.

9. ڪامورن جا ظلم ۽ رشوتون ختم ٿي وينديون

انگريزي حڪومت جي ڏينهن ۾ وڏا عملدار انگريز هوندا هئا. هنن جو معيار زندگي بلند هوندو هو. هو ڪوشش ڪري هر ڳالهہ ۾ ايمانداريءَ سان ڪاروبار هلائڻ جي ڪوشش ڪندا هئا پر ملڪي حالتن کان اڻ واقف هئڻ ڪري زيردستن جي مشوري تي هلندا هئا. سواءِ چند خوشامندي زميندارن جي سمورو ڪاروبار پنهنجي زيردستن جي معرفت هلائيندا هئا. سنڌين جا پگهار گهٽ هوندا هئا. ان ڪري پنهنجي صاحبن جي ديکا ديکي معيار زندگي وڌائڻ خاطر رشوتن ۾ ڪاهي پيا. هر هڪ کاتي ۾ رشوت ڪاهجي پيئي، روينيو بيو کاتو پوليس کاتو انجنيئري، ريلوي کاتو تعميري ڪمن جو کاتو ايگرڪلچرل، آهستي ٿي ڪيئي کاتا کلي پيا. هرهڪ پنهنجي حد ۾ ڪمائڻ جا طريقا ايجاد ڪيا.

جڏهن مهاجرن ۽ اهل پنجاب کي پڪو پيو تہ سرڪاري نوڪري سڀ شي مٿان حاوي ٿئي تہ انهن مرڪزي حڪومت ۾ گهٽڻ کاتن کي تبديل ڪري سنڌ جا گهٽا ڪاتا ڪسي ڇڏيا.

انگريزن جي ڏينهن ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪمائي ۽ نوڪرين تان ڇتا پيتيءَ ٿي، جنهن اڳتي هلي مذهبي رنگ ورتو جيتوڻيڪ اصل سوال مالي ڪمائي جو هو. هاڻ ان سنڌي مهاجر ۽ پنجابي جو رنگ ورتو آهي. ون يونٽ انهيءَ ڪري وجود ۾ آندو ويو. هاڻ مرڪز کي زور وٺائڻ جي نالي ۾ مڙيئي اختيار مرڪز جي حوالي ڪيا ويا آهن پر وري بہ جمهوري سرشتو هٽڻ ڪري امڪان هو تہ پڇا ڳاڇا ٿئي يا عدليہ جو در کڙڪايو وڃي تہ ان کي بند ڪرڻ لاءِ مارشل لا ملڪ سان لاڳو ڪري، اهل پنجاب پنهنجي عملدارن جي شموليت سان سمورو ڪاروبار پنهنجي حوالي ڪٽي ڇڏيو.

سنڌي ڪامورن کي بزدل بنائي، هيسائي، لالچي ڪري تابع ڪري ڇڏيو اٿن. سنڌين ڪامورن مان دورانديشي ۽ غيرت ختم ٿي ويئي آهي، جمهوريت هوندي هئي تہ ان ۾ اهڙا ماڻهو آڻيا ويندا هئا جي مرڪزي حڪومتن جي حضوري طبقي جا هجن. هاڻ ڪامورن جي بہ اها حالت آهي جو مون سان يا قوم پرست ڪارڪن سان سنڌي ڪامورا ملڻ پسند نٿا ڪن تہ متان سندن آقائن کي پتو پئجي وڃي ۽ سندن نوڪري يا ترقيءَ کي نقصان پهچي.

سنڌي ڪامورو طبقو پنجابي ۽ مهاجر جي دٻ کان اهڙو مرعوب ٿي ويو آهي، جو سنڌي مفاد جي گفتگو ڪرڻ کان بہ ڊڄي ٿو. هاڻ جي هٿ ٺوڪيا وزير ۽ مشير رکيا وڃن ٿا. تن کان چورايو وڃي ٿو تہ سنڌ پاڪستان (گريٽر پنجاب) جو اٽوٽ حصو آهي، جڏهن تہ اهل پنجاب سان مائٽي ڪرڻ جي عيوض سنڌ ڏاج ۾ ڏيئي ڇڏي اٿن سنڌ سندن ذاتي ملڪيت هئي، جنهن کي پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ وڪرو ڪري سگهن ٿا.

10. اعليٰ تعليمي ادارن جو ڪاڻ

اعليٰ تعليمي ادارن ۽ آرٽس ۾ سائنس ڪاليج و ٽيڪنيڪل ڪاليج، زرعي ڪاليج، ڪمرشل ڪاليج، ملٽري

ڪاليج، يونيورسٽيون وغيره اچي وڃن ٿا. پهرين پنجاب ۽ فرنٽيئر طرف انهن جي ڪولڻ تي زور ڏنو ويو پر سنڌ ۾ پئسو هو ان ڪري اتي ڪولڻ به مناسب سمجهيو ويو پر ان جو نفعو سنڌين کي نه رسي ان ڪري انهن ۾ داخلا غير سنڌين کي ڏيڻ شروع ڪئي ويئي، پرنسپال، پروفيسر، چيئرمين وغيره غير سنڌي يا اهي سنڌي جي خريد ڪري پنهنجا غلام ڪري هلائي سگهجن، سي رکڻ ۾ آيا. اهل پنجاب ۽ مهاجرن کي جن پاڪستان کي پنهنجو سامراج ڪري هلايو ٿي اهو ڏنگ اچي ويو ته سنڌي تعليم يافتن کي خريد ڪري پنهنجي پاليسي موجب هلايو وڃي. شيخ اياز ڊاڪٽر بلوچ، مولوي غلام مصطفيٰ قاسمي اهڙا ماڻهو هئا، جن جو رڪارڊ سنو هو سامراجيون جو چاتي ويو جو ٿورڙي قيمت عهدي جي ڏيئي انهن کي خريد ڪن.

ڪراچي يونيورسٽيءَ کي ته اڳي مهاجرن جو ڳڙهه ڪري هلائڻ شروع ڪيو ويو. سنڌ يونيورسٽيءَ کي بيڪار بنائڻ لاءِ ڊاڪٽر بلوچ ۽ شيخ اياز جهڙن ماڻهن کي ڪتب آندو ويو غلام مصطفيٰ شاهه نه نهيو ته ان کي مجبور ڪري استعيفيٰ ڏياري ويئي. زرعي ۽ يونيورسٽي ۽ انجنيئرنگ يونيورسٽي تي اهڙا ماڻهو مقرر ڪيا ويا آهن جي مهاجر پنجابي سامراج جا ايجنٽ ٿي ڪم ڪن ٿا. جي شاگرد سنڌن آقائن جي راءِ مطابق نٿا هلڻ قبولين، انهن کي رسٽڪيٽ ڪرايو وڃي ٿو. يا گوليون هلايون وڃن ٿيون يا جيلن، موڪليو وڃي ٿو.

بدقسمتي پاڪستان سان اها ٿي آهي ته انگريز جي دلالن ۽ بداخلاقن کي ماڻهن اسلام جو علمبردار، مفڪر اسلام، شاعر مشرق، قائد ملت جي لقب سان سڏي انهن جا نالا ڪاليجن يا هاسٽلن تي رکيا وڃن ٿا. هترادو اسلام جي تعليم جي نالي ۾ انهن ماڻهن کي طرح طرح جا لقب ڏنا وڃن ٿا. نتيجو اهو نڪتو آهي ته اهي ڪاليج يا ادارا سنڌين جي تعليم لاءِ خاطر خواه نمونې ۾ ڪم نٿا اچن. انهن کي گهڻو عرصو بند رکيو وڃي ٿو. هاسٽلن ۾ پوليس ۽ ملٽري کي گهرائي شاگردن جا سامان لٽايا وڃن ٿا.

نفرت کي اسلام ۽ محبت وطن کي ڪفر سڏيو وڃي ٿو.

اسان جي تعليم ڪي، سنڌين کي غلام بنائڻ جي اداره طور ڪتب آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي. ڪنهن کي دانهن ڏجي ڪنهن کي فرياد ڪجي.

هاڻ ته نوجوان طبقي ۾ اهڙين حالتن کي ڏسي اسلام ۽ پاڪستان لاءِ نفرت پيدا ٿي پئي آهي، اهڙي پنجابي تشريح واري اسلام تي لعنت وجهڻ لڳا آهن.

پاڪستان جي صفحه هستي تان مٽجڻ لاءِ دعائون گهري رهيا آهن.

11. ملڪ ۾ صوفين جي تعليم مطابق محبت ۽ ميلاپ ايندو.

سنڌ، بلوچستان ۽ پنجاب ۾ صوفياٽي ڪرام سنڌن تعليم ذريعي نفرت ۽ نفاق ڪيڻ لاءِ محبت ۽ عشق جي پيغام جو پرچار ڪيو هو جنهن ڪري ماڻهن ۾ اتحاد ۽ يڪدي جي هوا وڌندي هئي. انهيءَ ڏس ۾ گرونانڪ، بلا شاه، شاه باهو، خواجه غلام فريد، شاه عنايت صوفي، شاه لطيف سچل سرمست، شاه نصير، سامي، دلپت، روحل وغيره جي تعليم گهٽو ڪم ڏنو. ليڪن ان جي خلاف غلام احمد رباني، سر سيد احمد خان، ڊاڪٽر محمد اقبال جي ذريعي جا تعليم ملي ان نفاق ۽ دوري کي وڌايو. پهرئين صاحب اورنگزيب جي رهبر راه تي اسلام جي سربلندي جي نالي هيٺ جي ڪم ڪيا. ان مختلف مذهبن جي وچ ۾ نفاق پڪيڙي مغل سلطنت جي تباهي جو ڪارڻ بڻيو.

سر سيد احمد خان انگريزن جو ايجنٽ بنجي عليگڙه ذريعي جا هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ نفرت پکيڙي. ان علامه اقبال کي نهوڙي نيو يوپي ۽ پنجاب جا مسلمان ان کي پنهنجي مستقل مفاد جو حامي سمجهي مسلمانن جي جداگانه قوم جي بنياد تي هندستان کي ورهائڻ جو ڪارڻ بنيا.

اڳين بزرگن جي تعليم جملي مذهبن پويان بنيادي وحدت جو پرچار ڪري اتحاد انساني ۽ امن عالم جو حصو بني، اقبال، زاني، شرابي، بداخلاق، سامراجي ايجنٽ ۽ نفرت جو پيندار هو ،تنهن کي رهبر راه ڪري مشهور ڪرڻ جي پروپئگنڊا ڪئي وئي، چاڪاڻ ته

ان ڪري پنجابي سامراج لاءِ جواز پيدا ٿيو.

هاڻ پاڪستان ڪي مسلم ملڪ سڏي ان ۾ گهر گهر ظلم، استبداد مروج ٿي ويو آهي.

هندو ويچارن ڪي ڦري ماري ڀڄايو ويو. انهن جي جاين تي فرقه پرست مهاجر، ظالم ۽ استحصالي پنجابي آڻي وسايا ويا آهن. جيڪو ماڻهو سنڌي سڏائي نوڪريءَ لاءِ گهر ڪري ته ان ڪي اسلام جي نالي ۾ چيو ويجي ته سنڌي پنجابي جي ڳالهه ڪرڻ علائقائي ذهنيت جي نشاني آهي. ڪوبه ماڻهو جيڪو سنڌي قوم جو نالو وٺي ٿو ان ڪي اسلام جو دشمن سڏيو ويجي ٿو. محبت جي عيوض گهر گهر نفرت ڦهلائي ويجي ٿي.

هاڻ اهو مرض ايتري قدر پڪڙجي ويو آهي جو پاڻ پاڻ سان نفرت ڪرڻ لڳو آهي، هر مخالف راءِ ڪي ڪفر سان تعبير ڪيو ويجي ٿو. ليڪن مسلمانن ۾ 350 فرقا بنجي پيا آهن، جتي جناح جهڙي ڪافر اعظم ڪي قائداعظم سڏيو ويجي ٿو ۽ مولانا ابوالڪلام آزاد ڪي هندن جو ايجنٽ سڏجي ٿو.

مون ڪي سنڌ جي نالي وٺڻ ۽ ان جي حقن جي گهر ڪرڻ، محبت جو آواز ڪيڏڻ ڪري، 12 سال نظربند ڪري رکيو ويو آهي.

12. آمدرفت جا عمدا رستا نهي اچڻ وڃڻ سهوليت وارو ٿي پوندو.

سنڌ ۾ سواءِ چند رستن جي بيا رستا اجا ڪچا ۽ آمدرفت جي لائق نه رهيا آهن. اجا تائين جيپن يا اٺن گهوڙن تي سواري ڪئي ويجي ٿي. ان ڪري اناج، ڪپهه ۽ بين زراعتي پيداوار جي ٻاهرين يا ٻاهران آڻڻ لاءِ سهوليتون ميسر نه آهن.

رني ڪوٽ جو دنيا جي مکيه ڪوٽن مان هڪ آهي، سير لاءِ هوند دنيا جا ماڻهو ان ڪي ڏسڻ لاءِ اچن سو رستي جي سهوليت ڪان محروم آهي. ٿر به بارش پوڻ بعد ملڪ باغ بهار بنجيو ويجي، ان ۾ پهچڻ لاءِ ڪي خاص رستا نه آهن، سمنڊ جي ڪناري گهمڻ لاءِ رستو نه آهي. ڪراچي جو مرڪزي شهر آهي، ان ۾ پهچڻ لاءِ سن ڪان رني ڪوٽ ڪان جيڪڏهن رستو ناهيو ويجي ها ته 130 ميل مسافري ٿئي ها، هاڻ 200 سيل مسافري طي ڪرڻي پوي ٿي.

ڪجھ طرف وڃڻ لاءِ رستو ڪونہ آهي. ساري ٺٺي ضلعي ۾ ريلوي لائين ڪانہ آهي. سنڌونديءَ تي صرف 4 پليون آهن. جنهن ڪري هڪ ضلع ڪان ٻي ضلع تائين پهچڻ لاءِ وقت ۽ مسافت لڳي ٿي. نوابشاهہ، ٿرپارڪر، سانگهڙ، خيرپور، دادو ۽ سکر ضلعن ۾ سواءِ چند رستن جي عمدو رستو ڪونہ آهي. ان ڪري مڇي ۽ ٻاهران واپار جي آمدني ۽ روانگي ۾ مشڪلات ٿيو پوي. جيڪي انگريزن جي ڏينهن ۾ ڪچا رستا آمدرفت لاءِ ٺهيا هئا، انهن مان 50 سيڪڙو رستا اڄا ڪچا آهن. جن تي مسافري ڪرڻ سان ماڻهو ڏوڙ ۽ مٽيءَ سان ڀرجيو پوي. موٽر ۽ سواريون سي ان ڪري خراب ٿيو پون. فرنٽيئر ۽ پنجاب جي مقابلي ۾ سنڌ ۾ باوجود ايراضيءَ ڪم و پيش هڪ جيتري هئڻ ڪري، اڌ جيترا رستا بہ نہ ٺهيا آهن. رستن تي وڻ ڪونہ پوکيل آهن. انهن جي تعمير اهڙي خراب نموني ڪئي وڃي ٿي جو جلد خراب ٿيو پون. ٻيلن ۾ رستا موٽرن جي آمدرفت لاءِ موزون نہ آهن. ان ڪري ڌاڙيلن ۽ چورن جي لڪڻ لاءِ سهوليت پيدا ٿيو پوي. پنجاب سان رستو نيشنل هاءِ وي آهي جو انگريزن پنهنجي مليٽري جي سهوليت خاطر بنايو هو. ليڪن هندستان ۾ وڃڻ لاءِ ڪوبہ خاطر خواه رستو نہ آهي. ننڍين ڳوٺن ۾ رستا پڪا ڪونہ ٺهرايا ويا آهن. گهٽيون پاڻي ۽ ڏوڙ سان ڀريون پيون آهن.

هڪ وڏو رستو ڪراچي ڪان حيدرآباد تائين سپر هاءِ وي آهي. ان تي آمدرفت گهٽي آهي. پر ٻنهي طرفن تان اچڻ وڃڻ جو انتظام نہ هئڻ ڪري حادثا گهڻا ٿين ٿا. يا تہ انهيءَ رستي ڪي ٻنهي طرف اچ وڃ جا رستا ٺهرائڻا گهرجن يا جدا رستو ٺهرائي ان خامي ڪان بچائڻ گهرجي.

ڪراچيءَ ڪان انگريزن جي ڏينهن ۾ اٺ رستا ها. سيوهڻ تائين رستو هوندو هو جنهن کي قريبن هڪ سئو سال گذري ويا آهن تہ پڪو نہ ڪرايو ويو آهي.

نوابشاهہ ڪان ڪراچيءَ تائين وايا رني ڪوٽ رستو ٺهرائڻ لاءِ تجويز هئي پر اها رهي پئي آهي، ان لاءِ ٿي پل محراب پور ڪان سن تائين درياهہ تي ٺهرائڻي پوندي.

13. زرعي آبادي وڌائڻ لاءِ پاڻيءَ جو انتظام.

سنڌ ۾ آبادي وڌائڻ لاءِ جڏهن سنڌ بمبئي سان گڏ هئي ته 1945ع ۾ پنجاب ۽ سنڌ جي وچ ۾ دهلي جي مرڪزي سرڪار جي منظوري سان هڪ عهد نامو ڪيل هو جنهن ۾ سنڌ ۾ جملي پاڻي جي اڌ ڪان مٿي پاڻي سنڌ کي ملڻ جو شرط پيل هو ۽ ان ۾ خاص بندش اها هئي ته پنجاب ڪوبه نئون بند يا بئراج سنڌ جي اجازت کانسواءِ کوٽي نه سگهندو. جيئن ته اهل پنجاب کي سنڌ کي ڪالوني ڪري هلائڻ جو حرص هو. ان ڪري ان لاءِ راهه نيڪ ڪرڻ واسطي هنن ون يونٽ بڻايو جيئن ٻن صوبن جي وچ ۾ ٿيل عهد نامو ختم ٿي وڃي، پوءِ هنن پنجاب ۾ نوان بئراج ۽ ڊيم (بند) ٻڌائڻ شروع ڪيا. ٽن دريائن راوي، ستلج ۽ بياس جو پاڻي ڀارت کي وڪڻي انهيءَ ڪان ۽ ٻاهرين ملڪن کان پئسا وٺي، سنڌ جي حصي جي پاڻيءَ کي پنهنجي ڪتب آڻڻ شروع ڪيو.

پنجاب جي ايريگيشن سيڪريٽري مسٽر ايس ڪي بلوچ جو لکيل انگريزيءَ ۾ احتجاجي نوٽ تازو سنڌيءَ ۾ ڇپايل ڪتاب "پاڻي ۾ پساهه" ان جي شاهدي ڏيڻ لاءِ ڪافي آهي پر خدا جي مار پوي پاڪستان جي لفظ تي يا پنجابي تشريح واري اسلام تي جنهن جي ناليءَ ۾ سنڌين سان هر استعمال جي ڪم لاءِ جواز پيدا ڪيو وڃي ٿو.

اهل پنجاب ۽ مهاجر ٻن وڏن بدمعاشن کي مکيه رهبر سڏي انهن جي نالي ۾ هر ناجائز ڪم کي جائز بنائڻ لاءِ جواز پيدا ڪيو وڃي ٿو. ٽي وي ۾ جناح ۽ اقبال لاءِ روزانو پرچار ڪيو وڃي ٿو ته انهن هي فرمايو آهي، جناح جي قبر تي 5 ڪروڙ روپيا خرچ ڪري عوام کي بيوقوف بنائڻ لاءِ ان کي بابائي قوم ۽ قائداعظم جي نالن سان سڏيو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ اهي انگريزن جا ايجنٽ، بداخلاق سنڌين جا دشمن، نه سيرت ۽ نه صورت ۾ مسلمان ها، هاڻ حالت اها آهي ته باوجود ايراضيءَ ۾ ڪم و بيش هڪ جيترو هئڻ ڪري.

پنجاب ۾ ڪٽڪ جي آبادي 1,95,40000 سنڌ ۾ 3067000

سال 74_1973ع

پنجاب ۾ ڪپھ جي ايراضي 3383000 سنڌ ۾ 11,67600

پنجاب ۾ ڪمند جي ايراضي 1,91000 سنڌ ۾ 251000

پنجاب ۾ چانور جي ايراضي 762005 سنڌ ۾ 251800

جملي پنجاب جي آباد ايراضي 2,19,9400 ۽ سنڌ جي جملا ايراضي 1,18,81,00 تفاوت 1,11,3000 سنڌ ۾ گهٽ ايراضي آهي.

منگلا ڊيم، چشمہ ڊيم، تربيلا ڊيم سڀ عهد نامي جي خلاف ورزي ڪري ٺهرايا ويا آهن.

ازانسواءِ سنڌ ۾ بارش جي پاڻيءَ کي روڪي بند ٻڌائڻ جي اسڪيمن کي روڪي ان لاءِ مقرر ڪيل سنڌ جا پئسا پنجاب ۾ صرف ڪيا ويا.

سنڌ ۾ سمنڊ جي طرف زمين وڌائڻ، ڪلراٺي زمين کي سڌارن ۽ باغات پوکڻ، جبل جي زمينن کي آباد ڪرائڻ، سنڌو درياهہ جي واڌو پاڻيءَ کي روڪي ڊيم ٻڌائڻ جون جملي اسڪيمون اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ رد ڪري سنڌ کي ويران ۽ هڪ طرف ڪيو ويجي ٿو.

وڏيڪ ماٺهو آٿي، ان جي سر زمين تي ماٺهن جو وڏيڪ بوجو وجهي غريب بنائڻ لاءِ هر ڪا تجويز اختيار ڪئي تي ويجي. سنڌ مان نڪرندڙ ٽن بئراجن، سکر بئراج، گدو بئراج، ڪوٽڙي بئراج ۽ مکي ڍنڍ جي زمينن کي پنجابين جي حوالي سان 60 لک ايڪڙ زمين ڪئي وئي آهي.

14.سنڌ ۾ گهٽا هنري ڪارخانا کولايا ويندا.

سنڌ وارن جي تجويز هئي تہ سنڌ ۾ گهٽا هنري ڪارخانا کولائي زمين تان آبادڪارن جو بوجو هٽائي، گذر معاش لاءِ موزون زمين ڇڏي ويجي. ان لاءِ ڪراچي بندر سنڌ ۾ هئڻ ڪري سازگار حالتون هيون. آهستي ڪري ڪارخانا کلندا ويا پر سنڌ، مهاجر پنجابي سامراجي ماتحت ٿيڻ ڪري ڪارخانن کولڻ جون پرمٽون مهاجرن

پنجابين کي مليون، جن انهن ۾ اڪثريت مزدور به پاهران گهرائي ڪارخانا ڪولايا تي ويا سو حاصل تي رکيا ان ڪري جنهن فائدي لاءِ ڪارخانا سنڌين کي ڪولڻ جي اجازت ملي ۽ نه وري نه سگهيو نه ڪارخانا سنڌين کي ڪولڻ جي اجازت ملي ۽ نه وري سنڌي رکيا ويا. ان ڪري غير سنڌي ماڻهن جي آمد وڌندي ويئي. هڻ وقت ڏاري ٻه هزار ڪن ڪارخانا سنڌ ۾ ڪلجي ويا آهن، جن ۾ 20 لک ڪن مزدور ڪم ڪن ٿا تن ۾ 55 هزار ڪن سنڌي مس آهن، انهيءَ ڪارخانن جي ڪمائي ۽ مزدورن جو روزگار به سنڌين کي نصيب نٿو ٿئي. پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ رحمت جي بدران زحمت ثابت ٿيندو پيو وڃي. ڪاٺيون تيل، سوئي گئس ۽ ڪوئلي جون صنعتون به رڳو غير سنڌين سان سٿيون پيون آهن، سوئي ۽ سيري گئس جو فائدو سواءِ چند وڏن شهرن جي پنجاب کي ڏنو وڃي ٿو.

هاڻ تيل سنڌ مان نڪتو آهي. ان جي ڪمائي، نفعو ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهو اڪثري غير سنڌي آهن، اهي جايون ڪالونين وانگر ڪم اچي رهيون آهن. سيمينٽ، لوهه ڪنڊ ۽ ڪاٺ جا ڪيئي ڪارخانا ڪلي سگهن ٿا پر اهو ڪاتو مرڪزي حڪومت جي هٿ هيٺ آهي، جنهن تي ڪنٽرول پنجابي مهاجر سامراجين جو آهي، تنهن ڪري ان مان سنڌ کي فائدي پهچڻ جو امڪان نه آهي.

هاڻ رجحان اهو پيو ڏسجي ته ڪارخانا سنڌ جي عيوض پنجاب، فرنٽيئر ۽ بلوچستان ۾ ڪوليا وڃن ٿا. اتي به اڪثري مڪاني ماڻهن کي مزدور ڪري نٿو رکيو وڃي، ڪارخانا ته غير مڪاني ماڻهن جا ٿين ٿا.

جيڪڏهن اها حالت رهي ته اهو وقت پري نه آهي جو بلوچستان ۽ سنڌ پنجاب جون ڪالونيون بنجي وڃن ۽ سنڌي ٿوري وقت کانپوءِ ريڊ انڊين جي حالت اختيار ڪري وڃن. ان جو واحد علاج پاڪستان کي ختم ڪري، سنڌو ديش ٺاهي يارت سان الحاق (ڪنفڊريشن) ڪرڻ ۾ مضمر آهي.

ان راهه ۾ اسلام ۽ مسلمانن جي قوم جو ڏوڪو رڪاوٽ وجهڻ وارو آهي، تنهن ڪري اهل سنڌ کي خبردار رهڻ گهرجي ته پاڪستان کي گريٽر پنجاب ڪري سمجهڻ لڳن ۽ اسلام کي ڪنهن به صورت ۾ اڳي وانگر ڪتب آڻڻ جي ڏوڪي کان بچڻ جي طرف راغب نه ٿين، هندستان سان الحاق ڪرڻ ڪري ڪين مارشل لا جي مصيبتن کان آزادي ملندي ۽ جمهوريت جو صحيح فائدو حاصل ٿي سگهندو.

15. هڪ وقت سنڌ ۾ روزگار جا ذريعا زراعت، مال چارڻ، مڇي مارڻ

۾ مڪاني مزدوري هئي، پر امڪان هو ته ملڪ کي انگريز سلطنت جي غلامي کان آزادي ملڻ بعد پيا ڪيترا ذريعا روزگار جا کلي پوندا پر بدقسمتي سان پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ بعد سنڌي مهاجرُ پنجابي سامراج جي غلامي هيٺ اچي ويا ۽ پنهنجي ملڪ جي ۽ اقتصاديات تي سنڌين قبضو نه رهيو. ان تي حڪمران مهاجر دانشمند طبقو ۽ پنجابي سامراج بنجي ويو.

سنڌين جڏهن به ان لاءِ گهر ڪئي ٿي ته سنڌين سياستدانن کي خريد ڪري خوش رکي ماٺ ڪرائي وئي آهي، هن وقت هزارين تعليم يافته ماڻهو روزگار کانسواءِ گذاري رهيا آهن، هارين جي محنت مان پورو فائدو ورتو نٿو وڃي، جنهن ڪري ماڻهن جو ڪيترو حصو نشي، ڪرائيم خانه بدوشيءَ جي حالت ۾ گذاري رهيو آهي، سمورن ڪارخانن، مقاطعن، ٽرانسپورٽ سرڪاري نوڪرين بئنڪ ۽ خانگي نوڪرين تي قبضو غير سنڌين جو رهي ٿو.

ٽريڪٽرن موٽرن بسن هلائڻ لاءِ سنڌ ۾ ڪي اسڪول ڪونه کوليا ويا آهن، جنهن ڪري سنڌي ڊرائيور تيار تي سگهن، ان ڪري ٻاهران ماڻهن کي گهرائي انهن جاين تي رکيو وڃي ٿو.

واڍن، رازن، درزين ۽ ٻين ڪيترن هنرن لاءِ اسڪول کولڻ جي ضرورت آهي پر اهي ڪم ڪير ڪري! وزير اڪثر خوشامندي يا اقتدار جا مطالبو رکيا وڃن ٿا، حڪومت تي قبضو پنجابي مهاجرن جي گڏيل سامراج ڪاموري جو آهي، نوان ڀهاري اچن ٿا ته نوڪريءَ ۾ اول ترجيح انهن کي ڏني وڃي ٿي. انهيءَ سموري ڳالهه جو مدار مسلمانن جي جداگانه قوم يا پاڪستان جي رهاڪن جي نظريي تي آهي، اها خرابي چاڙهي واڙهي سامراجي طبقي طرفان رٿي وئي آهي، سنڌ جي رهاڪن جي جداگانه قومي نظريي کان انڪار ڪرڻ جو ڪارڻ اهي خرابيون آهن، تنهن ڪري سنڌ جي رهاڪن کي هي ڳالهه صاف ذهن ۾ وهارڻي آهي ته مسلمانن جي جداگانه قوم يا پاڪستاني قوم جو نظريو ڏوڪا آهن، اهي سنڌين جي استحصال لاءِ ايجاد ڪيا ويا آهن، تنهن ڪري مذهب کي سياست سان گڏڻ ڪري جي نقصان پهچن ٿا، تن کان خبردار رهڻو آهي. قرآن حديث اسلام پاڪستان وغيره جا نالا غريب سنڌي عوام کي برغلائڻ لاءِ اچاريا وڃن ٿا.

اهي ڳالهيون اڳي به سنڌي درويشن اڳيان آيل هيون، جنهن ڪري هو چئي ويا ته

"جيسين منبر، مسجد، ساري، ويران نه ٿيسن،

تيسين حال حقاني ميان سچو حاصل نہ ٿيسن.

شاھہ باھو فرمايو هو تہ:

”نماز پڙهڻ ڪم زنانا، روزا رکڻا صرفا روٽي،
ول ول ڪلما اهي پڙهن، دل جنهاندي کوٽي.“

اقبال ۽ جناح جهڙن دجالن جي نالي ۾ هاڻ سنڌين کي بيوقوف بڻجڻو آهي.

16. سنڌ جو ڪلچر ۽ تهذيب زور وٺندا

سنڌ جي ڪلچر جو قديم ورثو محبت آهي، نفرت ۽ نفاق سان سنڌين کي واسطو نہ رکڻو آهي، هنن مٿي ذکر ڪيل سامراجين پهرين سنڌ جي هندن ۽ مسلمانن ۾ مُلاجي مذهب جي نالي اختلاف پيدا ڪيا، چي اهي جدا قومون هيون، اهي ٻئي ڌريون ٻولي ساڳي ڳالهائيندا هئا. صوفي خيالات رکندا هئا. ٻلا شاھہ، شاھہ باھو، گرونانڪ، شاھہ لطيف، سچل، سامي ۽ جا تعليم ڏني هئي. ان ۾ محبت جو پرچار هو. جناح ۽ اقبال نفرت جو پرچار ڪيو جي ٻئي انگريزي سامراج جا ايجنٽ ۽ اسلامي تعليم کان عاري هئا. نتيجو اهو نڪتو تہ اسان انهن بدمعاشن جي پوئلڳيءَ ۾ پنهنجي هندو ڀائرن کي جي صدين کان اسان سان گڏ رهندا آيا هئا. جن شاھہ لطيف، شاھہ عنايت، سچل ۽ روحل، بيدل شاھہ فقير جي درگاهن جون خدمتون ڪيون، تن کي ملڪ ڇڏي ٻاهر وڃڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پيو. انهن کي موٽائي آڻڻ کان سواءِ اسان جو ڪو بہ چارو ناهي، اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن پاڪستان جهڙي پليت سامراج کي ڊاهي سنڌوديش ناهڻ لاءِ هندستان سان الحاق نٿا ڪريون.

اسان کي سنڌ جي ڀائي پڳڙي مل کي وڏيڪ پيارو سمجهڻ گهرجي بنسبت اقبال ۽ جناح جهڙن نفرت جي پنڊارن جي. ڪلچر جو مکيہ جزو زبان آهي، جنهن ۾ شاھہ، سامي وغيره محبت جا گيت ڳايا آهن. مون کي ياد آهي تہ هڪ دفعي علي محمد شاھہ راشدي مولانا مودودي کي پنهنجي جاءِ تي نيرن جي دعوت تي گهرايو هو. پاڪستان اڃان پهرين ٿهيو هو. راشدي صاحب ڪيس چيو مولانا ملڪ تہ پاڪ ٿيو نہ آهي پوءِ ان کي پاڪ سڏڻ ڪيتري قدر جائز آهي تہ چيائين تہ ”جيڪڏهن ڪاڪوس تي چڙهي اذان ڏبي تہ مسجد ڪونہ ٿي پوندو. سوئر کي الله اڪبر ڪري ذبح ڪبو تہ حلال ڪونہ ٿيندو. جنهن ملڪ جا علمبردار اقبال ۽ جناح جهڙا هوندا ان ۾

کھڙي پاڪيزگي ايندي“

ڪرشن مهاراج، مهاتما ٻڌ، جين مذهب جي پرچار ڪري هتي جي درويشن اهنسا ۽ اتحاد جو پرچار ڪيو. هاڻ هي سامراج يارت جي خلاف نفرت جو پرچار صرف ان ڪري رهيا آهن ته سنڌ جي استحصال لاءِ ڪين ڇوٽ ملي.

سنڌين ڪي جيڪڏهن ريڊ انڊين وانگر ختم ٿيڻ کان بچڻو آهي يا پنهنجي تهذيب ۽ محبت جي نالي ڪي قائم رکڻو آهي ته هندستان سان الحاق (ڪنفيڊريشن) طرف رخ ڪرڻو پوندو. اسان کي گهڻو وقت مغرب (عرب) جي طرف راغب ڪيو ويو آهي.

پر لاچار شاهه لطيف جهڙي بزرگ کي چئي ڏيڻو پيو ته:

”پورب مارياس، ڪنهن در ڏيان دانهڙي؟
متيون ڏيئي لوڪ کي، چري آءُ ٿياس
جنين نه جيهاس، مون لنو لڳي تن سين“

17. ڌارين جي استحصال کان سنڌي آزاد ٿيندا.

انگريزن جي ڏينهن ۾ انگريزي ۽ پنجابي استحصال کان سنڌي شاڪي هئا. پنجابين کي پوليس ۾ نوڪريون، جمڙائو ۽ منڙائو وغيره واهن تي زمينون ڏنيون ويون، سنڌي هاري بي زمين وينا هئا. خيال هو ته انگريزي سامراج ختم ٿيندو ته زمينون ۽ نوڪريون سنڌين کي ملنديون. بئراج نڪرندا، ڪارخانن ۾ سنڌين کي کنيو ويندو. ان ڪري پاڪستان جي قيام سان ڪيترائي خواب خيال جاڳايا ويا پر پاڪستان قائم ٿيڻ بعد زمينون جي هندن جي هٿن ۾ هيون سي مهاجرن کي ڏنيون ويون ۽ بي زمين هاري ائين رهجي ويا.

نوڪريون اڳي رڳو پنجابين کي مليون هاڻ ته مهاجرن ۽ پنجابين پنهنجو ورثو ڪري ورهائڻ شروع ڪيون، جي هو مسلمان هئا. هندن ته شاهه لطيف ۽ شاهه عنايت کي پنهنجو رهبر ٿي ڄاتو پر هنن ته ”سنڌين کي گڏهه هڪلڻ ۽ اٺن ڪاهڻ“ جي قوم ڄاڻائي انهن کي سڀ ڳالهه کان محروم ڪري ڇڏيو.

سنڌي تعليم کي بيڪار ڄاڻي قومي زبان، ٻاهرين اردو زبان تي ڄاتو ويو. جناح جنهن جو ماءُ پيءُ سنڌ ۾ رهڻ ڪري سنڌي ڳالهائيندا هئا، تنهن پنهنجي اقتدار جي حصول لاءِ مهاجر ۽ پنجابين کي راضي ڪرڻ واسطي اردو کي قومي زبان ڪري مروج ڪيو.

خانبهادر کهڙي جنهن سنڌي زبان لاءِ زور رکيو تنهن کي جيل ۾ وجهي ابن الوقت پير الاهي بخش کي وزيراعليٰ مقرر ڪيو.

هندن جي ڇڏيل جائداد، زمينون مهاجرن ۽ پنجابين کي ڏني ويئي. سنڌ ۾ چوٿون حصو ماڻهو خانه بندش ۽ ڇڙوڇڙ گهرن ۾ زندگي گذاري رهيا هئا. انهن جي آبادڪاري جو انتظام نه ڪري ابن الوقت الاهي بخش پير هزارها ايڪڙ ڪراچي ۾ مهاجرن کي الاٽ ڪري قرض ڏياري گهر ٺهرائي ڏنا.

زوريءَ اردو زبان نندڻ بارن کي سيکارڻ جو حڪم ڪڍيو جناح ۽ لياقت علي اهو دستور وڌو ته سنڌ اسيمبلي جا چونڊيل وزير تن کي پروڊا هيٺ خارج ڪري ڇيا پنهنجا هٿ ٺوڪيا وزير رکڻ شروع ڪيا، سنڌ جا وڏيرا جيڪي اقتدار جا بکيا هئا سي ان ڳالهه تي چڙهت ڪري اهڙي طرح ڏارين جي غلامي ڪري سنڌ جي مفادن سان غداري ڪرڻ کي پيشو ڪري سمجهڻ لڳا. ان ۾ وڏي حرامزادگي ۽ زور آوري جناح ڪئي.

لياقت علي ته باقاعدي سنڌين ۽ پنجابين وغيره مان هڪ ابن الوقت گروهه پيدا ڪري مهاجر سامراج قائم ڪرڻ جو دستور وجهڻ چاهيو ٿي ليڪن اهل پنجاب جي جنگي ذهنيت جا هئا تن هن کي قتل ڪري واصل به جهنم ڪري ڇڏيو پوءِ ته جنسي سنڌي سياستدان ڏارين جي غلاميءَ تي اقتدار جي حصول لاءِ هڪ ٻين تي چڙهت ڪرڻ لڳا.

انهيءَ قدم کڻڻ کان پوءِ مهاجر ڪجهه جهڪا ٿيا ۽ واڳ پنجابين جي قبضي ۾ آئي جن تي دفعا مارشل لا لڳائي حڪومت هلائي آهي، هاڻ ته اچي اسلام جي پنيان پيا آهن. ڪم شيطان جا ڪن، دلالي آمريڪا جي، نالو اسلام جو نتيجو اهو نڪري رهيو آهي، جو عوام اسلام جي نالي کي ڏوڪي بازي سمجهڻ لڳو آهي.

18. مال جي پيدائش ۾ واڌارو ٿيندو

سنڌ زرعي ملڪ هو ان ۾ ٻيلا هئا ۽ جبلن ۾ چراگاهون هئڻ ڪري مال ماڻهن وٽ جام هو ان جي واڌاري لاءِ ڪوشان هئا. سنڌي باوجود گوشت خور جي پنهنجو گذارو وڌ مکڻ ياجي بصر تي ڪندا هئا، گوشت ٿورو واپرائيندا هئا. هي نوان آيل ماڻهو گوشت گهڻو کائڻ لڳا، لکها جانور ڪهي انهن جو گوشت واپرائڻ لڳا. ان تي اهل سنڌ ايگريڪلچرل ڪميشن مقرر ڪري مال جي واڌاري لاءِ چراگاهون ۽ ٻيلن جي واڌاري جون رٿون تيار ڪرايون پر نتيجو الٽو نڪتو بارش گهٽ پوڻ لڳي، ٻيلا زبون ٿيڻ لڳا، مال سال بسال گهٽ پيدا ٿيڻ لڳو نتيجو اهو نڪتو ته ٻاهران پائوڊر جو کير گهرائڻ شروع

ٿيو سو به شهرن تائين مس ميسر ٿي سگهبو.
بار برادري ۾ هرن ڪاهڻ لاءِ ڏگا گهتجڻ لڳا. اڳي هڪ جوڙو 150 روپيه ملندو هو. هاڻ ڏهه هزار تائين وڃي لڳو هاڻ ان جي جاءِ تي ٽريڪٽرن اچي ڪم ڏيڻ شروع ڪيو آهي، تيل مهانگو هاري سست ٿي هر ٽريڪٽرن جي ذريعي ڪيڙڻ لڳا آهن. جنهن صورت ۾ تيل تي ڪروڙها روپيا زرمبادله تي خرچ ڪرڻا پون ٿا. اڳي 8 آنه ڪان هڪ روپيه سير گوشت جو وڪامندو هو. هاڻ 27 روپيه وڃي لڳو آهي. ڪڪڙ اٽ آنه ملندو هو سو هاڻ 35 يا 40 روپيا وڃي لڳو آهي.
مال جي واڌاري لاءِ ڪيٽل فارم ڏارين رکڻ شروع ڪيا آهن، جو بئنڪن تي انهن جو قبضو آهي. مال جي افزائش يا ڪڪڙن جي پالڻ لاءِ انهن کي پئسا ڏئي پولٽري فارم برپا ڪيا وڃن ٿا، مڇي مارڻ لاءِ ٽريلر به قرض ڏئي ڏارين جي حوالي اهو ڏندو به ڏنو وڃي پيو.
اڳي مال گهٽي هيٺ ڪري انهن جو ڀاڻ پوک لاءِ ڪم ايندو هو. هاڻ مال گهٽ ٿيڻ، فصل گهٽي ٿيڻ ڪري ڪيميائي ڀاڻ ڪم اچڻ لڳو آهي، جنهن جا ڪارخانه سرڪار طرفان يا خانگي ماڻهن طرفان کوليا وڃن ٿا، پر پوءِ به پورت ڪانه ٿي پوي. ڪروڙها روپين جو ڪيميائي ڀاڻ ولايت مان گهرائي زرمبادله جو نقصان سنو وڃي ٿو. مکڻ، کير ٻاهران گهرايو وڃي ٿو يا ڳوٺن ۾ ملڻ مشڪل ٿيو پوي، وڏين اسپتالن ۾ بيمارن لاءِ سنو کير ۽ مکڻ مشڪل سان ملي ٿو جي نٿو ته ٻاهران گهرايل ڪم آندو وڃي ٿو.
اٺ ۽ مينهون به گهٽيون وڃن، ٻڪريون ۽ رڍون جيتوڻيڪ ٿي دفعا سال ۾ ڦر ڏين ٿيون ته به انهن جي افزائش گهٽبي وڃي.
ڍنڍون سنڌ ۾ گهٽبيون آهن، انهن ۾ مڇيءَ پکي ڪثير تعداد ۾ مارجي گوشت جو ڪم ڏئي سگهن ٿا يا پالي سگهجن ٿا پر انهيءَ طرف توجهه ڪير ڏي. حڪومت تي خود مطلب اقتدار پرست ماڻهو رکيا وڃن ٿا، تن کي به اختيار ڪجهه نٿا ڏنا وڃن، جنهن ڪري ڪم سمورو سيڪريٽرين جي هٿن ۾ رهي ٿو جي شهري ۽ ڏاريان هيٺ ڪري ان ڪم ڏي توجهه گهٽ ٿا ڏين معاملو روز بروز بگڙندو وڃي.

19. باغات ۽ ٻاچين جي واڌاري جو انتظام.

اهي پوکون ٻارهن مهينا پاڻيءَ تي ٽين ٿيون. پاڻي گهٽو پنجاب ڪٽي وڃي ٿو ڪوهن مان اڪثر پاڻي ڪارو نڪري ٿو. ان جي

باوجود ماڻهن ان طرف اڳي کان زياده توجهه ڏيڻ شروع ڪيو آهي پر پاڻي گهٽ هئڻ ۽ پارنهن مهينا پاڻي ميسر نه ٿيڻ ڪري باغات ۾ خاطر خواهه واڌارو نه ٿيو آهي، ڪي وڏا زميندار انبن ۽ ٻين ميوون جي پوک ڪن ٿا پر اگهه وڌي وڃڻ ڪري ملڪ کي ٻاهر موڪلڻ ۾ فائدو ٿا سمجهن. بصر، مرچ، داليون پوکيون وڃن ٿيون پر اگهن تي ڪنٽرول نه هجڻ، واپارين جو هئڻ ڪري آبادگارن کي فائدو نٿو پوي. واپاري ستو هٽي اگهه گهٽايو ڇڏين، جنهن ڪري پوک وارن کي نقصان پوي ٿو. غريب آبادگار گهڻو وقت ذخيرو ڪري فصل جي پيداوار رکي نٿا سگهن. واپاري اول ۾ اگهه لاهيو ڇڏين، دير سان اگهه چاڙهڻ جو فائدو اهي ٿا ڪائين، آبادگارن کي اڪثر فائدو نٿو پهچي. گهٽي تعداد ۾ بصر، مرچ ۽ پاچي رکي نٿا سگهن. انهن کي دٻڻ ۾ بند ڪرڻ لاءِ سرڪار طرفان توجهه گهٽ ڏنو ٿو وڃي، ڪي واپاري ان طرف توجهه ڏين ٿا پر انهن جو مدار وري پيداوار تي ٿئي ٿو. جيڪڏهن ڪثير تعداد ۾ پيداوار نٿي ٿئي ته وڏو ڪارخانو دٻڻ ۾ بند ڪرڻ جو ڪلجي نٿو سگهي، انبن ڪانسواءِ ٻيو افغانستان ۽ بلوچستان جي طرف جو ميوو اڃا هتي آباد ٿيڻ ۾ ڪامياب نه ٿيو آهي. ڪيلي جي فصل مان ڪجهه وقت چڱي پيدائش ٿي پر پاڻي جي گهٽتائي ۽ آب وهوا جي تبديلي ڪري هاڻ ان جو رواج به گهٽبو وڃي، ناريل، ڪجيون به پوکڻ لاءِ ماڻهن ۾ شوق پيدا ٿيندو وڃي، پر وري سوال پاڻي جو پيدا ٿئي ٿو. پاڻي سمورو پنجاب ڇڪيو وڃي، هاڻ پوکون ڇاتي ٿين.

جبلن ۽ ٿرن ۾ پوک جو درياءَ جي پاڻي ۽ بارش جي گهٽتائي ڪري اڃا رواج نه پيو آهي، سرڪار سنڌين جي هجي ته بهتر ٿئي ها. مهاجرن جوزور ڪارخانن ۽ واپار تي آهي، پنجابي حڪومت هلائڻ لاءِ وڏن پوکن ڪمند، ڪپهه، ڪڻڪ جي طرف توجهه ڏين ٿا.

20. ڳوٺن جي تعمير ۽ ترقي تي نظر:

سنڌي گهڻي وقت کان چوماسي بارشن کان محروم هئڻ ڪري، ٻئراجن جي پاڻي، واهن ۽ مال جي چاري تي گذران ڪندا هئا.

اڪثر ماڻهو مال چارڻ ڪري هڪ جاءِ تي نه هوندا هئا. خانه بدوش هوندا هئا ٻيا ڊنڊين ، ٻيلن، دريائن جي پر ۾ ڳوٺ ٻڌي ويٺل هئا. اٽڪل 40 سيڪڙو ماڻهو خانه بدوش يا ڇڙوڇڙ گهرن ۽ ننڍين ڳوٺن ۾ رهندڙ هئا. جتي صفائي، صحت ۽ سٺي پاڻي جي پيئڻ جو انتظام ڪونه هو.

سنڌ ايگريڪلچر ڪميشن تجويز ڏني ته ڳوٺ ۾ ڏائي ماڻهن کي رهائڻ گهرجي، جنهن ۾ پڪيون جايون، بجلي، پڪا رستا، پارڪ، اسڪول، سنو پيئڻ جو پاڻي، حفاظت لاءِ پوليس چوڪي وغيره جو بندوبست هئڻ گهرجي، سنڌ وٽ ڪجهه پئسو هو پيو قرض ڪڍي اهڙو تعمير ۽ ترقيءَ جو ڪم ڪرائڻو هو. پر پاڪستان قائم ٿيڻ ڪانپوءِ سرڪار جي توجهه مهاجرن جي آبادڪاري طرف رجوع ٿيو اميد هئي ته ان کان واندا ٿي سنڌ سرڪار وارا ان طرف توجهه ڪندا ته يڪدم ون يونٽ بنائي سنڌ صوبي کي ختم ڪيو ويو. اهي تعمير ۽ ترقي جون تجويزون ختم ٿي ويون. مکي ڍنڍ ۽ بئراجن تي زمينون پنجابين کي ڏيڻ شروع ڪيائون. سنڌ جي نالي ونڻ کي ڏوهه قرار ڏنو ويو. حيدرآباد سنڌ اسٽيشن تان سنڌ جو اکر ڪٽايو ويو. ان لاءِ ته ماڻهو وري سنڌ جي آزادي لاءِ ڪوشش نه ڪن. تعليم، ترقيءَ جون رٿون رد ٿي ويون. لکها روپيا ون يونٽ جي تشهير لاءِ خرچ ڪرڻ شروع ڪيا ويا. جنهن ون يونٽ کان آزادي يا حقن جي گهر ٿي ڪئي ان کي علائقائي ذهنيت رکندڙ پاڪستان جو دشمن ۽ اسلام جي خلاف سمجهي سزا ٿي ڏني ويئي يا سختي ڪئي ٿي ويئي. سنڌ جي واهن، زمين سڌارڻ، ڳوٺن جي تعمير، تعليم ۽ ثقافتي ترقي جي ڪمن جهڙوڪ سنڌي ادبي بورڊ کي گرانٽ گهٽ ڪري ڏيڻ، چونڊيل بورڊ رد ڪري پنهنجا هٿ جا ٺاڻيل چاڙتا رکيا ويا. شاهه لطيف ڪلچرل بورڊ جي گرانٽ گهٽائي ويئي. ون يونٽ غلام محمد گورنر جنرل بڻايو هو. اهو بيمار ٿي مئو ان جي جاءِ تي سڪندر مرزا گورنر جنرل ٿيو. ان مسلم ليگ جي جاءِ تي ريپبلڪن پارٽي برپا ڪرائي ان ڪري اختلاف پيدا ٿيا. نيٺ انهن کي ٽارڻ لاءِ ملڪ سان مارشل لا لاڳو ڪري حڪم هلائڻ شروع ڪيو ويو. جڏهن ماڻهو ان مان ڪڪ ٿيا ته آمريڪين ايوب خان کي ڪڍي پٺي کي آڻڻ لاءِ تيار ڪيو. پٺي ايوب خان جي خلاف بغاوت ڪئي. هندستان سان جنگ لڳي، ايوب خان استعيفيٰ ڏئي يحييٰ خان کي واڳ ڏني، جنهن اليڪشن ڪرائي. ون يونٽ ختم ڪرائي ايرندي پاڪستان کي مرڪزي اسيمبلي ۾ اڪثريت حاصل ٿي پر اهل پنجاب بينگال کي طاقت ڏيڻ کان انڪار ڪيو جنگ لڳي جنهن ۾ پاڪستان هارايو ايرندو پاڪستان جدا ٿي ويو ڀٽو وزيراعظم ٿيو. اميد هئي ته سنڌ جو رهاڪو هئڻ ڪري هو سنڌ جي ترقيءَ ۽ تعمير لاءِ ڪجهه ڪندو پر هن جو مطمع نگاهه اقتدار جو حصول ۽ قيام هو. ان کي پنجابين سنڌ جي فائدي لاءِ ڪم ڪرڻ نه ڏنا نه هن ڪرڻ گهريا ٿي. هن کان ڪڏا

ڪم ڪرائي نيٺ ان کي ڦاسي ڏئي ڇڏيائون.

21. سنڌ ۾ ڏارين جي آمدني تي بندش پوندي:

انگريزي حڪومت جي ڏينهن ۾ پنجاب کان سک ۽ پنجابي آٿي انهن کي زمينون ۽ نوڪريون ڏنيون ويندڙيون هيون. ان تي سنڌين کي اعتراض هوندو هو. پاڪستان بنجڻ بعد سڪن کي سنڌ مان ته منظم سازش جي هيٺ ڪڍيو ويو. ليڪن ان جاءِ تي لکن جي تعداد ۾ هندستان کان مهاجر آڻڻ جو سلسلو شروع ٿيو. مهاجر ٻين صوبن ۾ وڃڻ لڳا. پر پنجاب وارن جلد بندش وجهي ڇڏي، بلوچستان ۽ سرحد ۾ ڪا گنجائش ڪانه هئي. جناح ۽ لياقت علي جي سازش ڪري ئي انتها مهاجر سنڌ ۾ اچڻ شروع ٿيا. محمد ايوب کهڙو وزير اعليٰ سنڌ هو. ان انهن تي بندش وجهڻ شروع ڪئي، جنهن تان جناح ۽ لياقت علي هن تي ناراض ٿي پيا ۽ ڪيس ڏسمس ڪري هڪ پير الاهي بخش جهڙي ايمان فروش ۽ غدار ماڻهو کي خريد ڪري وزير اعليٰ بڻايو جنهن نه رڳو سنڌ ۾ ٻاهرين ماڻهن جي اچڻ جا دروازا کولي ڇڏيا پر هنن کي هندن جون جائدادون، زمينون، ڪارخانا، دڪان، جڳهيون ڏئي ويهارڻ شروع ڪيو. انهن جي لاءِ ڪروڙها رپيا خرچ ڪري آبادڪاريءَ جو انتظام ڪيو. آخر هي وزارت تان لٿو ته کهڙي کي ڊيچاري ون يونٽ بنجڻ کان پوءِ هن کي وزارت تان لاٿو ويو.

پوءِ سنڌين غلطي ڪري هڪ ابن الوقت ذوالفقار علي ڀٽي کي طاقت ۾ آڻڻ ۾ مدد ڪئي، جنهن 1973ع جو آئين پاس ڪيو، جنهن موجب مغربي پاڪستان جي ماڻهن کي هڪ قوم ڄاڻي اجازت ڏني ويئي ته ڪٿي به وڃي رهن. ان تان اسان ناراضگي ڏيکاري، پيرزادي عبدالحفيظ جنهن ڀٽي وزارت ۾ قانوني وزير هوندي اهو آئين پاس ڪرايو هو تنهن کي سنڌ يونيورسٽي جي شاگردن مار ڏني هئي ۽ بيگم لياقت علي، جا مهاجرن کي رضامند ڪرڻ لاءِ ڀٽي صاحب گورنر سنڌ مقرر ڪئي هئي، ان جي بي عزتي ڪئي وئي هئي.

ان ڪانپوءِ ته حالت اها رهي ته لکها ماڻهو بي تحاشا سنڌ ۾ ايندا رهن ٿا. پاڪستان بنجڻ کان اڳ سنڌ ۾ غير سنڌي 5 سيڪڙو به نه هئا، هاڻ 48 سيڪڙو وڃي ٿيا آهن. جيڪڏهن اها حالت رهي ۽ پاڪستان ساڳي آئين سان قائم رهيو ته اصل سنڌي اقليت ۾ ٿي ويندا ۽ خدا نه ڪري ته سنڌين جي حالت ريڊ انڊين جهڙي ٿي نه

ويجي، تنهن ڪري اڳي سنڌ ۾ زمين تي ماڻهن جو بوجهو في ميل 85 فرد هو. هاڻ 35 فرد وڌيڪ ويجي بيٺو آهي پر پنجاب ۾ بوجهو 700 کن آهي، انهن جي مفاد وٽان آهي ته پنهنجا وڌيڪ ماڻهن لڏائي مختلف طريقن سان سنڌ ۾ ڪالونائيز ڪرائين.

هاڻ ويتر جو آمريڪا کان پئسا وٺي انهن جي اشاري تي افغانستان ۾ اسلام جي دوکي ۽ بهاني تي بغاوت ڪرائي اٿن. جنهن تي روس پنهنجن مفادن کي نقصان ڏسي اچي افغانستان ۾ لشڪر گڏ ڪيو آهي. جنهن ڪري 40 لک کن پٺاڻ لڏي پاڪستان آيا آهن. انهن مان 20 لک کن سنڌ ۾ اچي ويا آهن جي حالت اها رهڻ ڏني وئي ته جلد انهن جو تعداد وڌي ويندو. سنڌي اقليت ۾ ٿي ويندا. انهن جي اچڻ ڪري هو بي انتها هٿيار جديد قسمن جا سنڌ ۾ آڻي وڪرو ڪري رهيا آهن جن کي ڏوهاري ماڻهو خريد ڪري ڌاڙا ۽ اغوا جا ڏوهه ڪري رهيا آهن. هاڻ حالت اها بيٺي آهي جو سنڌ جو قريبن اڌ ڏينهن رات جو سلامت نه رهيو آهي. ضلع هيڊڪوارٽر جهڙوڪ دادو، حيدرآباد، نوابشاهه، لاڙڪاڻو، شڪارپور ۽ سکر سلامت نه رهيا آهن.

22. سنڌين کي پاڪستان اندر مڪمل آزادي هوندي

جڏهن لاهور ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ پاس ٿيو هو ته ان ۾ اهو صاف ظاهر ٿيل هو ته مسلم اڪثريت وارين رياستن کي جدا ڪري کين مڪمل آزاد ۽ خودمختيار رياستون بنايو ويندو. اهو ٺهراءُ پوءِ مدراس جي مسلم ليگ اجلاس ۾ مسلم ليگ آئين ۾ داخل ڪيو ويو هو جو سواءِ ٻه ٽيون پاڱي ٿي جي تبديلي نه ٿي سگهڻ وارو هو. ان کي دهلي جي ڪنوينشن ۾ جا مسلم ليگ جي اسيمبلي ميمبرن تي مشتمل هئي ۽ ان تي ڪوبه اختيار ڪونه هو ته اهو اصولڪو ٺهراءُ تبديل ڪري سگهي. ان ۾ خدا جي لعنت پوي جناح ۽ ان جي حوارين تي جن ان کي تبديل ڪري اهڙي صورت وٺائي، جنهن موجب سنڌ ۾ ٻيا ننڍا ملڪ هڪ پاڪستان جا حصا ٿي شمار ٿيڻ لڳا ۽ پاڪستان کي هڪ قوم ڪري شمار ڪيو ويو. ان موجب سنڌين کي جدا قوم تسليم نه ڪيو ويو. بلڪ ان ملڪ کي جو انگريزن جدا آزاد حيثيت ۾ فتح ڪيو هو. هڪ اقليت جو صوبو ڪري رکيو ويو. پهرين ان بي ايمان جناح ۽ سنڌس دلال لياقت علي وزارتن کي بدلائي پنهنجا هٿ ٺوڪيا ماڻهو وزير ڪري رکڻ سان کوکو بنائي ڇڏيو هو جو آهستي ڪري پهرين جملي مکيه ڪاتن کان محروم ڪيو ويو. پوءِ 1973ع جي آئين موجب صفا هڪ ڊويزن جي حيثيت ۾ ڪيو ويو.

جنهن سنڌ سان اهڙي غداري جو ڪم ڪيو ان کي ڪم ڪڍڻ بعد سنڌس سردارن ڦاسي ڏئي ڪيفر ڪردار تي پهچايو. باقي ان ساري ڊرامي جي مکيه ماڻهو تي ڪيئي ڪروڙن جو قبو بنائي ائين ظاهر ڪيو وجي ٿو ته هو بابائي قوم هو. ان جو يادگار رکڻ لاءِ ائين ڪيو وجي ٿو. انهيءَ حالت کي محسوس ڪري مرحوم محمد امين کوسي صاف ظاهر ڇئي ڏنو ته اهو سيڙهه جو ڪنڊبو سر زمين سنڌ ۾ پوريل آهي، جيستائين ان جا هڏا ڪڏي سمنڊ ۾ نه ڦٽا ڪيا ويندا ان وقت تائين سنڌ سان خير نه رهندو. تنهن ڪري اهل سنڌ کي ان جي قبضي کي سنڌ جي غلاميءَ جو مينار سمجهي ان کي ڊاهي مسمار ڪرڻ جو عزم ڪرڻ گهرجي.

سنڌ آزاد نه ٿيندي، جيسين تائين اهو سلامت آهي. پاڪستان بقول مولانا مودوديءَ جي هڪ پليت نالو آهي. اهو غلط بنيادن تي برپا ڪيل هو. تاريخي حقيقت جي خلاف هو. ان مان اهل سنڌ ۽ هند کي اڪيچار نقصان پهتا آهن.

جيستائين اهو سلامت آهي. سرمائيدار سامراجين جي سازشن جو اڏو ٿي ڪم ايندو ۽ اسلام جهڙي اعليٰ مذهب کي غلط تشريح ڏيڻ، نفرت ۽ ڏاڍ جو مرڪز بنائڻ سان اسلامي مذهب جي پاڙ پٽجي ويندي.

23. مرڪز ۾ ٽيڪسن موجب نوڪريون ۽ گرانٽون ملنديون

مرڪزي سرڪار کي سنڌ مان 85 سيڪڙو ٽيڪس ملن ٿا. ليڪن ان تي خرچ 2 سيڪڙو به نٿو ڪيو وڃي. گرانٽون به سنڌ کي پنجاب ۽ ٻين صوبن جي مقابلي ۾ گهٽ ڏنيون وڃن ٿيون. مرڪزي نوڪرين ۾ هڪ هزار تي هڪ سيڪڙو مس سنڌين کي نوڪريون ڏجن ٿيون. صوبي ۾ چاليهه سيڪڙو ماڻهو غير سنڌي رکيا ويا آهن.

مکيه کاتا، ملٽري، خارجيه کاتو فنانس واپڊا، P.I.D.C ۾ ٻين مرڪزي نوڪرين ۾ سنڌي نه هئڻ جي برابر آهن. انگن اکرن ذريعي جو ضرور نٿو ڄاڻان، سنڌي ڪامورن طرفان ڏنل انگن اکرن مان اهو احوال پڌرو ٿي پوي ٿو.

مون پنهنجي ڪتاب "سنڌو جي ساڃاهه" ۾ اهي انگ اکر ڏنا آهن.

باب چوٿون
پاڪستان سامراجي سازشن جو اڏوتي ڪم اچي ٿو

مٿي آئون ذڪر ڪري آيو آهيان ته ڪيئن پهرين انگريزن جمال الدين افغاني جي وسيلي پئن اسلام ازم جو نعرو لڳارايو. چاڪاڻ ته نيپولين جي وڌندڙ طاقت کي روڪڻ لاءِ اسلام جي نالي ۾ هنن کي ترڪي حڪومت کي مضبوط ڪري انهن جي مدد جي ضرورت هئي. ترڪن ٽيپو سلطان جي خلاف انگريزن کي مدد ڏني هئي.

پهرين جنگ عظيم ۾ جڏهن ترڪن جرمن حڪومت جو ساٿ ڏنو ته انگريزن جرمن ۾ قومپرستي جو جذبو پيدا ڪري ترڪن کي شڪست ڏني، هاڻ جڏهن عربن ۾ اسرائيل جي ڪري مخالفت پيدا ٿي آهي ته ان کي روڪڻ لاءِ وڏي اسلامي اتحاد جو راڳ اچاري پاڪستان کي اڏو ڪري ڪتب آندو وڃي ٿو.

ڀارت آزاد ملڪ آهي، آمريڪا جي اشاري تي ڪم نٿو ڪري ته ان جي طاقت کي ٽوڙڻ لاءِ سڪن مسلمانن، جنتا پارٽين جي معرفت ڀارت کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ هڪ طرف پاڪستان کي ڪتب آندو وڃي ٿو ته ٻي طرف افغانستان ۾ گڙٻڙ پيدا ڪري روس کي ڌمڪايو وڃي ٿو.

هورمز جو ڳچي سمنڊ پرشن گلف جي تيل لاءِ ڪنجي طرح ڪتب آندو وڃي ٿو. سامراجي سرمائيدار هنري ملڪن کي ڊپ آهي ته متان افغانستان يا ايران جي مدد سان تيل تي روس وارا روڪ وجهن. ان ڪري اربين ربين جا هٿيار پاڪستان کي ڏئي جنگي طرح مضبوط ڪيو وڃي. ان ڪري هڪ طرف ڀارت وارا ڊڄي رهيا آهن ته ٻئي طرف روس ڦاٿو پيو آهي، هٿيارن جي آڌار تي ملڪ ۾ مارشل لا لڳائي سنڌ کي غلام رکي، ان جي زمين، ڪارخانن ۽ نوڪرين تي پنجابي قبضو ڪري رهيا آهن. داد فرياد ٻڌڻ وارو ڪونه آهي.

مغربي ملڪ جي غريبن جا همدرد پاڻ کي سڏائي جمهوريت جو آواز ڪڍن ٿا، سي پنهنجي سامراج لالچ ڪري پنجابين کي خريد ڪري سنڌ ۽ بلوچستان کي نقصان پهچائي رهيا آهن.

عرب ملڪ ڪمزور آهن پر پئسن جي ڪوٽ ڪانه اٿن. انهن جو تيل ۽ ڪاٺيون مغربي ملڪن جي معرفت هلن ٿيون. اتي اندروني طرح بدامني ۽ بغاوت جو خطرو رهي ٿو. تن کي وقت سر مدد ڪرڻ لاءِ پاڪستان 60 لک لشڪر پئسا ڏئي تيار رکيو وڃي ٿو. هنن جي حاڪمن کي وقت سر مدد ڏئي بچايو وڃي. ٻئي طرف سنڌ ۽ بلوچستان کي غلام رکڻ لاءِ پنجاب سامراجي ملڪن کان مدد وٺي رهيو آهي.

جڏهن مصر ۾، سرونسٽن چرچل سر سڪندر حيات سان گفتگو ڪئي هئي ته ظاهر ڪيو هئائين، اسان پاڪستان جي مسلمانن تي آئينده ڀروسو رکي سگهون ٿا. ان ڪري هندستان ورهائي هڪ حصو مسلمانن حوالي ڪرڻ ۽ هڪ حصو هندن کي ڏيڻ جو ارادو رکون ٿا. آخر ڇو نه رکن جڏهين پهرين جنگ عظيم ۾ اهي پنجابي مسلمان هئا جن انگريزن جا سپاهي ٿي ڪعبه تي گوليون ڇوڙيون هيون. هن وقت به عربن جي مڪاني بغاوت کي روڪڻ لاءِ سعودي عرب عربيا جي حڪم تي خود ڪعبي کي ٻاهي خون خرابي ڪرڻ جو ڪڌو ڪم انهن پاڪستاني فوجين ادا ڪيو هو.

انگريز سلطنت جي ڏينهن ۾ پنجاب جي سکن ۽ مسلمانن ساري زندگي انگريزي سامراج جي خدمت ۾ صرف ڪئي. ان ڪري سامراجي طاقتن کي پاڪستان جي مسلمانن جي پئسن تي سر جي بازي لڳائڻ جو تجربو آهي.

پاڪستان جو حڪمران طبقي جي اسلامي تعبير به اها آهي ته ٻين ملڪن جي آزادي کسڻ، ڙالون ڪٽي ٻانهيون بنائڻ ۽ ماڻهو مارڻ ۽ غلام ڪري رکڻ هڪ ثواب جو ڪم ڪري سمجهن ٿا. انهن جا رهبر زاني، شرابي، پئسن تي وڪرو ٿيڻ وارا رهيا آهن. آخر

جناح ڪهڙو عمدو ڪم ڪيو آهي جنهن جي قبي تي ڪروڙها روپيا خرچي قائداعظم سڏيو وڃي ٿو. هن بنسبت مشهور هو ته سندس اڳين زال ان ڪري ڪيس ڇڏي ويئي جو هن کي سندس پيءُ سان ناجائز تعلقات بابت شڪ ويهي ويو هو. حاجي محمد هاشم گزدر جو گهڻو وقت بمبئي ۾ نوڪري خاطر رهيو هو. ان جي زباني مون اها ڳالهه ٻڌي هئي جو منهنجو ساٿي ۽ دوست هو.

ڊاڪٽر اقبال بابت مون اڳي پنهنجي ڪتاب ”جديد سياست جا نورتن“ ۾ گهڻو ڪجهه لکي ڇڏيو آهي ته هن ترڪن خلاف انگريزن جي جنگ تي ڪين ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني هئي. هڪ جناح سائمن ڪميشن جي بائيڪاٽ جي فائدي ۾ هو ته ڪيئن نه اقبال کي ڪتب آڻي مسلم ليگ کي انگريزن ۾ گروهن ۾ ورهائڻ لاءِ ڪم آندو هو.

پنجابي حڪمران طبقي جو هن وقت رول اهو آهي ته آمريڪن بلاڪ جي اشاري تي هڪ طرف ڀارت سان دشمني رکيو اچن ٿا ٻي طرف افغانستان جي اندروني معاملن کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ پٺاڻن کان بغاوت ڪرائي رهيا آهن. جنهن ڪري هنن کي اربين روپيا ملن ٿا.

چين جا پاڪستان سان ڪهڙا تعلقات هئا جو اڄڪلهه هو يار غار ٿي ڪم ڪري رهيا آهن، ان جو ڪارڻ صاف اهو آهي ته چين اڄ ڪلهه پنهنجي پيل ملڪ جي حالت ۾ آمريڪا کان مدد وٺي روس جي خلاف سازش ۾ شريڪ ٿي رهيو آهي پاڪستان جا حاڪم ته اڳيئي آمريڪي بلاڪ جا زرخريد غلام ٿي ڪم ڪري رهيا آهن.

باب پنجون

مذهب کي نقصان پهچڻ جو شديد خطرو آهي

مذهب بنيادي طرح ماڻهن جي فطرت ۾ سمايل آهي، انهيءَ جو اصل مقصد اتحاد انساني، امن عالم ۽ ترقي بني آدم پئي رهيا آهن پر ڪيترن ماڻهن پنهنجي جبلتن جي ڪمزورين ڪري ان جي اعليٰ ترين مقصدن جي عيوض ان کي غلط ڪمن لاءِ ڪتب پئي آندو آهي.

مولانا ابوالڪلام آزاد سرمد شهيد جي زندگيءَ جي ديباچي ۾ لکيو آهي ته اڪثري سپهه سالار جي تلوار ۽ عالم جي فتوي گڏجي ڪم پئي ڪيو آهي. نه صرف مسلمان تاريخ اهڙي سپاهه ڪارنامن سان ڀري پئي آهي پر هندو، عيسائي، ٻڌ ڌرمن جي تاريخ پڙهڻ سان به پتو پئجي سگهجي ٿو.

هندن و ڪرما جيت جي ڏينهن ۾ مذهب ۽ سياست کي گڏي ڪتب آندو. آخر تجربي بعد ان کي ڇڏي ڏنو ٻڌ وارن اشوڪا جي ابتدائي دور تجربي بعد ان راهه کي ڇڏيو پين.

عيسائن پاپائيزم جي ماتحت ٻنهي کي گڏي ڪتب آندو ۽ ڪارنامن ڪري نيٺ انهن تنگ اچي مذهب کي سياست کان عليحده ڪرڻ پرائسٽنٽ مذهب جي رهبري قبولي يا رشين وانگر مرڳو مذهب کان بس ڪر ڇڏي.

پر دنيا ۾ رڳو مسلمان هئا جي مذهب کي گڏي هلائڻ جا طرفدار هئا، ڇاڪاڻ ته حاڪمن ۽ ملن جو عوام تي قبضو هو.انهيءَ دوکي هيٺ هو عوام کي تابع رکندا پئي آيا. نيٺ گهڻي تجربي بعد ترڪن خلافت کي خيرباد چئي ٻنهي کي جدا ڪري ڇڏيو. چوڻي آهي ته:

"جتي لوڀي هجن اتي ٺوڳي به رهندا."

هاڻ پاڪستان ۾ مليٽري وارن ملڪ تي پنهنجو تسلط قائم رکڻ لاءِ مذهب جو نالو استعمال ڪرڻ شروع ڪيو آهي. ٽي وي تي اقبال جهڙي ماڻهوءَ کي مفڪر اسلام ڪرڻ، مذهب جي نالي ۾

پنجاب جي صوفين جي پيدا ڪيل محبت واري پيغام کي ڇڏي نفرت ڪرڻ ۾ گذاري، انگريزن جي خوشامد ڪرڻ، راوي تي لاهور جي رنڊين سان وچي رنگ رليون ڪرڻ هن جو خاص پيشو هو. هنن جناح جهڙي ذليل ماڻهوءَ کي قائداعظم سڏي ان جي نالي ۾ ڏوڪي کي جائز قرار ڏيئي ڏين. نتيجو اهو نڪتو آهي ته ماڻهو روز بروز مذهب جي نالي کان تنگ ٿيندا وڃن.

هاڻ نظام اسلامي جي نالي نمازون پڙهائڻ، بئنڪن ۾ رکيل پئسن جي وياج مان رقم ڪاٽي زڪوات ورهائڻ، مسلمان ملڪن جي اتحاد جي نالي پرچار ڪري آمريڪن جو پوئلڳي ۾ افغانستان ۾ اسلام جي نالي خانه جنگي پيدا ڪرائي لکين ماڻهن جي ملڪ ڇڏي دربدر ٿيڻ جو ڪارڻ بنجڻ هڪ طرف عراق ۽ ايران جي وچ ۾ جنگ ڪرائي خون خرابي جو ڪارڻ بنجڻ، اسرائيل ۽ فلسطين جي وچ ۾ جنگيون لڳارائڻ اهڙيون ڳالهيون آهن، جن ڪري هن سمجهن ٿا ته هو ماڻهن کي سدائين بيوقوف بنائي رکندا. پر ماڻهو مورڳو مذهب کي نفرت جو ڪارڻ سمجهي ته روز بروز مذهب مان تنگ ٿيندا ويندا دنيا ۽ اڳ ۾ دهريت مغربي تهذيب جي ڪري زور وٺندي وچي پئي. چين ملڪ جو مذهب جو مرڪز هو هاڻ دهريت جو قائل ٿيندو وڃي ٿو.

روس ۾ زار شهنشاهي جا، جاگيرداري نظام تي بڌل هئي، ان کي مضبوط ڪرڻ لاءِ مذهب جي نالي پادرين ذريعي مضبوط بنائڻ جو راڳ اچاريو ويو. آهسته تي ماڻهو مذهب جي غلط استعمال ڪري ڪڪ ٿيڻ لڳا آخر وقت راسپوٽين نالي هڪ پادري مذهب جي نالي هر سامراجي ڳالهه جي جواز لاءِ دليل پيش ڪري پنهنجو ظلم ۽ تشدد قائم رکيو. نتيجو اهو نڪتو ته ماڻهو مذهب کان تنگ تي ڪليو دهريت جي طرف راغب ٿيڻ لڳا. نيٺ ڪميونزم نظام جي بچاءَ لاءِ دهريت جي نظريي کي ڪتب آڻڻ لڳا.

هاڻ اتي دهريت جي فلسفي جو ماڻهن تي تسلط تي ويو آهي. هزارين ورهين کان مذهب جي نالي ۾ ماڻهن کي حيات بعد الممات جي تعليم محبت ۽ ميلاپ جي سکيا، ختم ٿيندي وچي پئي، نه رڳو

ايترو پر ڪروڙها روپيا لٽريچر جي ڇپائي تي خرچ ڪري دهريت جو پرچار ڪيو ويجي ٿو.

دنيا جي مشهور معروف مورخ آنولڊ ٽوئنبي جو چوڻ آهي ته اٽڪل اڍائي هزار ورهيه اڳ يونان کان دهريت جي فلسفي جي آڌار تي جديد مغربي تهذيب وجود ۾ آئي. يونان کان اٽلي (روم) ۾ آئي اتان فرانس، جرمني، انگلينڊ ۾ زور ورتائين هاڻ آمريڪا ۾ ختم ٿيڻ واري هئي، پر روس انهيءَ دهريت واري تهذيب کي نشاط ثانيه (نئون دور) بخشيو آهي. جيئن ته اها هڪ طرف ڳالهه تي برپا ٿيل هئي. ان ڪري زياده وقت جٽاءُ ڪري نه سگهندي" مشرق ۾ هندستان ۾ روحاني بنيادن تي تعمير ٿيل تهذيب هڪ طرفو ڌيان ڏيڻ ڪري دنياوي ترقي ۾ پٺتي پئي مغربي ملڪن جي غلامي هيٺ اچي ويئي هئي. هاڻ ان کان آزاد ٿيڻ بعد ڀارت مان نئين تهذيب جا دهريت ۽ روحانيت جي ميلاپ تي مشتمل هوندي سا وجود ۾ اچڻ واري آهي.

ان ڪري هر اها ڳالهه جا مذهب يا دنياوي ترقي بنا ئي تعمير ڪئي ويئي هوندي. سان مشرق ۽ مغرق جي نظرين جي ملاوت تي مشتمل هوندي. تنهن ڪري اقبال ۽ جناح جي برپا ڪيل سرمائيدار سامراجي طاقتن ايجنٽ ملڪن جي هر تحريڪ ختم ٿيڻ واري آهي.

جيئن ته پاڪستان انهيءَ سامراجي نظريي تي برپا ڪيل تهذيب جي شاخ آهي، اها ختم ٿيڻ واري آهي دنيا جي ڪابه طاقت ان کي بچائي نه سگهندي.

